شاعري
دل جي ڳلي
ساحر راهو
پوپٽ

دل جي ڳلي

(شاعري)

ساحر راهو

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور-سنڌ
2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

صبا نسيم

جي نانءُ
جا منهنجي وجُودجو وِڇايل اڏُ آ
جنهن جي تلاش ۾ آئون،اُجايل آبشارن جيان
سنگريز ڪوهسارن ۾
تپندڙ صحرا ۾،
ڪنهن جوڳي جيان ڀٽڪندو رهيو آهيان

- ساحر راهو

POPAT BOOK NO. 54

دل جي ڳلي

(شاعري)

شاعر: **ساحر راهو**

ڇاپو پهريون: 2014ع

تعداد: هڪ هزار

ڪيليگرافي: پير مظفر

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڪمپوزنگ: نعمان احمد راهو

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ـ سنڌ.

ملهه: **-/150** روپيه

DIL JEE GALI

(Poetry)

Poet: **Sahir Rahu**

First Edition: 2014

Quantity: 1000 Copies

Calligraphy: Pir Muzafar

Title Design: Saeed Mangi

Lay ‘out: Asif Nizamani

Composing: Noman Ahmed Rahu

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs.150/-**

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**دل جي ڳلي**“ اوهان اڳيان پيش آهي. غزلن جي هن ڪتاب جو تخليقڪار ناميارو شاعر **ساحر راهو** آهي.

ساحر راهو سنڌي شاعريءَ جي سفر جو اهم، منفرد ۽ خوبصورت شاعر آهي. ساحر راهوءَ هونئن ته مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي پر غزل سندس شاعراڻي سڃاڻپ جو اهم حوالو آهي. اوهان جي هٿن ۾ موجود ساحر راهوءَ جو غزلن جو هي مجموعو سندس نِڪور خيالن جو عڪسُ آهي.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2014ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ، هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ارپنا

عبدالحڪيم ارشد
مير محمد پيرزادو
قاضي مقصود گل
تاج جويو
سوز هالائي
سائين علي خان چانڊيو

امان الله راهو
سيد امداد جعفري
ممتاز احمد راهو
ياسر قاضي
لطف سيال
امان شيخ

همعصر ۽ همسفر دوست جن جي ساٿ سان
زندگيءَ جي فلسفي کي سمجهڻ جو
۽ فطرت کي دل جي اک سان
پڙهڻ جو شعور مليو.

- ساحر راهو

پبلشر نوٽ

ساحر راهو سنڌي شاعريءَ جي سفر جو اهم، منفرد ۽ خوبصورت شاعر آهي. ساحر راهوءَ هونئن ته مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي پر غزل سندس شاعراڻي سڃاڻپ جو اهم حوالو آهي. اوهان جي هٿن ۾ موجود ساحر راهوءَ جو غزلن جو هي مجموعو سندس نِڪور خيالن جو عڪسُ آهي. اسان کي اُميدَ آهي ته هي ڪِتابُ پڙهُ اِنهيءَ راءِ جي رَدَ ۾ هِڪُ مضبوط حوالو بڻجندو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري شاعري گهٽ ٿئي ٿي. ساحر راهو حُسنَ، محبتَ ۽ ڪيفيتن جو شاعِرُ آهي. اسان کي اُميدَ آهي ته هي ڪِتابُ سنجيده شاعري پڙهندڙن وٽ مانُ ماڻيندو. اوهان جي راءِ ۽ رهنمائيءَ جو اوسيئڙو رهندو.

قربان منگي

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور

غزلَ

هي تونگر جي آ مسند ڪان مٿي
پاڻ لئه "ساحر" فقيري جهوڪَ جي

چند لمحن جي تون، بادشاهي نہ ڏي
يا خدا ياخُدايا تباهي نہ ڏي

ڪنهن جو ويساھ گهائي، بُلنديون ڇُهان
خواهشن جي اونهي دِل ۾ ڪاهي نہ ڏي

منهنجي چپڙن جي لرزش، نہ معني رکي
تون تہ پنهنجو آن، اهڙي گواهي نہ ڏي

مون کي صحرا ۾ پياسي، هرڻ وانگيان
هيڪلو ڏي ڇڏي، اهڙو راهي نہ ڏي

تنهنجي دهليز تي ئي اچي ٽڪُ پيان
منهنجي ڳولا کي ٻي جاءِ، ساهي نہ ڏي

توکان غافِل رهي، هڪڙُو پلُ جيڪڏهن
اهڙي مُرده صِفت، دِل اِلاهي نہ ڏي

جو نہ سمجهي شِدت، پِياس جي يا خُدا
منهنجي ڌرتيءَ کي، بيحِس درياهي نہ ڏي

جيڪو تاريڪ راتين، ۾ پردو ڪري
چنڊ جهڙو تون ’ساحر‘ کي ماهي نہ ڏي

◈

عظيم ڪا ئي رهبري پيامبري ڳُهري اسان
خُدا ڪان هڪ رسُول جي تونگري ڳُهري اسان

مديني جي گلين ۾ هڪڙي رات هُئي صدا هٽي
شفاف پاڪ چائنٽ جي گداگري ڳُهري اسان

قدم قدم تي بُت هُيا خُدا جي رُوپ ۾ اُيا
سچي خُدا جي چاڻ لاءِ رهبري ڳُهري اسان

ٻُڏل ٻُڏل صديون هُيون جهالتُن جي سمُنڊ ۾
نِجات رات ٻات ڪان وري وري ڳُهري اسان

جهان عيش عِشرتون ڳُهري سُکن جي سيج پر
چراغِ نورُ جي پُنيان مُسافِري ڳُهري اسان

اڳوٽي هر رسُول ڪان الڳ اتُم شبيه ۽
فضيلتُن ۾ هر طرح اُتامري ڳُهري اسان

سوالُ هو نِگاه ۾ زبان تي ميناس وئي
رڳُن ۾ نعت تي رچي سا شاعري ڳهري اسان

جهُڪياسين ڪنهن فِرعون جي نِظام جي اڳيان نہ پر
غُلامي هڪ يتيم جي وتي ڳُهري ڳُهري اسان

شعور جو الم ڪٽي لِکون جديد رنگ ۾
وضُو وضُو نِگاه سان ئي ساحري ڳُهري اسان

◈

معصُوم مُحسنن جي، ايثار جو صلو آ
حق جو عظيم ڏيئو، سُورج جيان چٽو آ

دنيا جي گولڙي تي، گُمنام ڳوٺڙو هو
پارس ڇُهيو تہ ڪربل، مُهذب خِطو بڻيو آ

اسلام فخر لائق، بڻيو آ گر جهان ۾
ابن عليءَ جي سجدي، بخشيو سو سوجهرو آ

اِتهاس جي پنن تي، پُر نُور روشنين جو
هڪ قافلو ازل کان، محوِ سفر رهيو آ

گهرا اُداس بادل ماحول تي پکيڙيا
مُحرم جو چنڊُ شايد آڪاس تي چڙهيو آ

تاريخ مان سبقُ ڪو سِکيو نہ بي وڙا تو
ڪِردارُ تنهنجو اڄ پڻ، پهرين جيان بُرو آ

خوني چنبا کُتل هِن، جيئڻ جي هر جتن تي
مظلُوم تي تہ اڄ پڻ، ظُلمن جو سلسلو آ

ڪهڙي طرح بہ جنگ جو، ورجاءُ آ تباهي
درميان وحشتن جي هيسيل امنُ ڪڙو آ

هر بُوند جو سفر آ، معصُوم جي چپن ڏي
پياسو فراتُ ’ساحر‘ جلتل وري نہ ٿيو آ.

◈

بارشنُ دوران تو لِکيو هُيو
پِياس جو درياهُ خطُ بکيو هُيو

ٻاف ٻڻجي جيئن پاڻي ٻاھ تي
مون مزو ايئن ميل جو چکِيو هُيو

رات پر هُئي نِنڊ سوتن وانگيان
اڳ ڄائي مون ٻار جان پوڳيو هُيو

پاپ جهڙو پل اپل هو سانورا
مون کي تو رکيل جان رکيو هُيو

اڻ ڏِٺي هو عِشق جي اوڙاھ ۾
خواهشن تنجڻي ٽپي اُچليو هُيو

خواب منهنجا ٿي ويا فالج زدا
رات گُونگُو گيتُ مون لِکيو هُيو

پيار جي بيساخي تو جڏهين کسي
هڪ قدم مون لئہ کٽڻ ڏُکيو هُيو

اڻ چاهي مون ور سان ساحر رات پر
فاحشا جان جسم کي ونڊيو هُيو

◈

ڪيرُ جل ٿل ڪيرُ پياسو سانوٽي سوچي نہ ٿي
جام وِرچيندي بزم ۾ ماڏُري سوچي نہ ٿي

رات ٻي تنهنجي گليءَ ۾ ٿيو تقدُس پائمال
اڄُ بہ تنهنجي گهر ڏي ايندي عاشقي سوچي نہ ٿي

نورُ ڪنهن جو ناس ٿيندو ڪنهن جون ٽُتنديون چُوڙيون
ڪنهن کي ٻانهن ۾ ٻريندي پر ندي سوچي نہ ٿي

ڪنهن جا سُبيا گهاءَ جُهريون،ڪنهن جي دِل جون موسمون
درد يادُون، خواب ڏيندي، شاعري سوچي نہ ٿي

ڪيئن ڪنڌيءَ تي اڪيلو گيت ڳايان ميل جا
آرسيءَ جي عِشق ۾ سوڳُونجڙي سوچي نہ ٿي

رازُ ڪنهن جو ٿي ڪٿُوري، شهر ۾ ويندو گهُلي
ڪنهن اڱڻ ۾ جهاتِ وِجهندي، چاندني سوچي نہ ٿي

سمنڊ جون گهُرجون پروڙي، رات ٿي بيڪل ندي
سرد راتيون سيڪبيون ڪيئن،سانوِري سوچي نہ ٿي

مان لُڪن لُوساٽ کان پوءِ ، برفِجي پٿر ٿيس
منهنجي محرُومين تي ساحر، زندگي سوچي نہ ٿي

◈

پرپُور رات بارِش، برسي سُڄين بنن تي
تنهنجي بہ ياد سُپرين، گهنگهور ٿي گسن تي

برباد پروسن جا ، نيشان ڪو نہ مِٽيا
ناڪام آسرو آ ، ڳوڙهن جيان ڳلن تي

بنجر زمين جهڙوچهرو آ منهنجي سامهون
پوپٽ جو رقص ليڪن، جوڳِڻ جي آ لٽن تي

ٿُوهر جي چانوِري ۾ ، ويٺل اُداس هرڻي
رکجان نہ پروسو ڪو،ڪڪرن سان پُر گگن تي

تنهنجي وصل جا لمحا، ايئن اُداس دِل تي
ٽانڊن جو ناچُ جيئن ڪوڪاغذ جي آ بدن تي

ڇهري جي چانڊني ڪا،اندر جو عڪسُ ناهي
پازيب چوڙي نچڻي، سُڏڪي پئي هٿن تي

وحشت جي باھ پڙڪي بُنياد سيڪجي ويا
عاشُور جي آ موسم محبُوب جڻ وطن تي

پُتلين جيان نچُون ٿا، سياست بڻي مداري
غيرت غُلام ٿي وئي، وئشيا جيان سِڪن تي

تنهنجو بہ ساٿُ ساحر سُورج تي پُورو بادلُ
منهنجو وجُود شبنم،پٽ تي ڇٽيل پنن تي

◈

ڪجهي نِگاهه سوچيو، ڏِٺو ڪجهي قيام ڪي
عُمر اِتي ئي گهارجي، پِري حُسن جي جام ڪي

نظم نظم ۾ خواب ها، گُلاب ها حِجاب ها
پُڇايو حرف حرف مون، نفيس دِل پيام ڪي

نہ اُنس تخت تاج سان، نہ چاهُ چين سان گهٽو
عزيز آجپي سواءِ نہ وٽِ ڪا غُلام ڪي

نِگاهه پُر خُمار هُئي، ذرو بہ هوش ڪونہ هو
سُڃاڻي پر وٺو اسان، اِمامِ بزمِ خيام ڪي

رُڪي گهڙي تو چانڊ جو اڌُورو آسرو ڏِنو
صدين جي سگهہ آ مِلي، پرين ٽڪل اُڏام ڪي

جمال کي ڪمال سان تراشي سنگ گر ڏِنيون
نيون نيون وشالتون، نِگاهه جي نظام ڪي

شعُور جي پنن تي هُن، نظم ۾ ڪر مروڙيا
پتو انوکي سُونهن جو ابوجهہ ٿيو عوام ڪي

چپن جي چائنٺ تي رکي، اڌُورا جام ساحرو
اکين ۾ آ چڙي وئي، پِياس جي ڪا سام ڪي

◈

حسين هڪ خيال هو، پُڄو نہ ڪنهن زوال کي
ڪمال سنگ تراش جي، امر ڪيو جمال کي

نہ ڄاڻ ڪير ناچڻي، نچي نچي نگھور تي
تماشبين شهر تي، نِپوڙيو پر نِڍال کي

اڌورو هڪڙو نظم پيو، پني تي آ مريض جان
ڏِنو اجاڻ ويچ جان، ڪويءَ ٽڪل خيال کي

سريرُ ايترو نہ ڳڌ، وڃي وجُود هڪُ تي
ڇِڇون ذرو ذرو ٿيون، منو ڇئون وِصال کي

پِياس جو سمُوندُ هو، اڳيان رُڃن جو پنڌُ هو
صدا نہ سُرڪ جي اسان ، هئين ڪڌهن ڪلال کي

بدن بدن ڪان پيلبي، رهي پرائي ڪيت جان
ڪچي ڪلي ڇڻي وئي ، پُڄي نہ ڪنهن ڪمال کي

حجاب جي نہ هڙ کُلي، ڊگهي عميق ماٺ کي
رضامنديءَ جو رُوپُ ڏئي، خريديو شهر مال کي

قدم قدم بزار هُئي، بدن بدن جو اگھُ هو
حوس هر نگاهہ جيءَ ، حياءَ جي لوبو ڍال کي

اڪين اڪين ۾ اوتيا، خواب خيال ساحرو
ڇپن ڇپن جي پرکيو، پياس جي سوال کي

◈

قريب ڪر نہ ايترو وِٽي رهي نہ ڪا وِڇان
ڪٺا نہ سولو ساھ مان، پري نہ تو ڪي جيءَ ڏِسان

عجيب هڪ جنُون هو عجيب خواهشون هُيون
مران تہ تنهنجي جوٺ تي، جئان تہ تنهنجي سنگ جئان

پِڃي تي ماڪ ۾ جڏهن چنبيلي اڄُ بہ ڍوليا
اکين ۾ مور تا نچن نِگاھ ٽئي تي ڪهڪشان

تڏو آ دِل ۾ سوڳ جو، مُحبتن جي روڳ جو
شريڪ ناھ هيءَ زمين، قريب ناھ آسمان

اجهاڳ آھ پيچرو، نہ چانوَ جو ڪو آسرو
ڦُٽو ڦُٽو پلُر ڪري، پگهر ٿو پنهنجو مان پيان

صليب آھ هر گهڙي، اڪيلتا جو اوج آ
قريب ناهين ڪاٺي، سفاڪ آھ سڀ جهان

مڃان ٿو مون ڪان ٿيون هُجن اجاڻ ۾ ڪي غلطيون
خطا جو گهر هان آدمي، فرشتو تہ ڪونہ هان

وشال تنهنجي پيار جون، گهڙيون نصيب هُون جڏهن
اسان تي وقت ساحرو، خدا جيان هو مهربان

◈

ڪنهين سياسي آڪاڙي ۾، مڄُون تا ڊوڙ جا ناهيون
مُنافق ڪنهن بہ مُهري جي، برابر جوڙ جا ناهيون

تون ٻانهن جي ڳِراٽيءَ سان ، نہ آزادي اسان جي ڪسِ
اسين هيراڪ چوڙين جي، رنگين پِنجوڙ جا ناهيون

ٽئي سُرهاڻ جو جهونڪو، پرين محسُوس لهجي ۾
نفاست جا آهيون، قائل، گهتا گجگوڙ جا ناهيون

اسان جو شان مرڪز آ، دِلين جي ديس جا راجا
اڌُوري جام تي راضي، ماٺهو ڪي ڇوڙ جا ناهيون

اسين سُورج آهيون سائنڻ تپش محسُوس ڪر ڪڏهين
ٽُتل آڪاس تان تارا، پٿر يا موڙ جا ناهيون

اِهو ٻيي گهٽ آهي ڇا، ڇوي ٿو لفظ لوئيندڙ
ڀُٽپ جوڳا، سهي موجد، ڪوي سرموڙ جا ناهيون

گلي تنهنجي ۾ پوندو جو تنهنجي دوستن جي سازِش سان
سري بازر اسين ڏاڍا، اهڙي ڪنهن نوڙ جا ناهيون

عوامي ميڙ جي آهيون، نئين آواز جي هلچل
ڀُڄهي ڪنهن ٺاهه جي ساحر ڪُڏي جاڪوڙ جا ناهيون

◈

سُندر نفيس ڪومل ، دِل ڪش رنگين چهرا
ڇا ڇا ڪري سگهن ٿا، ڪافر حسين چهرا

سجدي ۾ مون وجھڻ کان، پهرين اِهو نہ سوچيو
سُورج جو پرتوو هِن، بنجر زمين چهرا

ناڪام ٿي مون چاهيو لهڻ کي پايان پاڪُر
مُرڪيا ٿي زندگيءَ جي، جهُومر جبين چهرا

برباد دِل جو قِصو ڇيڙيو جي گيت ۾ مون
بدنام ٿيندا مُهذب، پردا نشين چهرا

پُختو خدا تي اڳ کان، ايمان ٿي وڃي ٿو
قُدرت مٿان بندي جو، فِطري يقين چهرا

رنگن جون ڪائناتون، مسڪن هِنن جو ڪڏهين
پنهنجي وجُود اندر ، گوشہ نشين چهرا

ويسر جو واءُ گهُلندو ڪڏهين نہ آ هِنن تي
ڏڙڪن جيان رهن ٿا، دِل ۾ مڪين چهرا

پهرن جا پهر ويهي، پنهنجي ئي ڪن تپسيا
پُوڄاري آرسيءَ جا، ساحر سنگين چهرا

◈

خوشبوءِ جي ڪهاڻي، بوجهل اُماس يادُون
بارش ڪان پوءِ دِل ۾، اڻ جهل، پياس يادُون

مدهوش ناهيان موکي، دِل جي ڪچي اڱڻ ۾
تنها وِکون کڻن ٿيون، بيڪل نِراس يادُون

وسڪار وڏ ڦُڙي جي، شُروعات پيار جي پر
انجامُ هيکلائي، پل پل تِياس يادُون

پٿريلي پيچري تي پايل وڄي ته جاڳيو
گورک جو ڏيک اٽيو، آنچل اُداس يادُون

ڪڏهين ته مشغلو هو، سُر ساز جام جوڀن
هاڻي عذاب ڀاسن، اي دِل رقاص يادُون

تنهائي ۽ ويڳاڻپ، ڪمري جو آ مقدرُ
سگريٽ دُونهن خالي، بوتل گِلاس يادُون

ڪنهن جي چپن جي شبنم، برسي گُلاب ڳل تي
زخمي اکين ۾ جهُريون،ڪومل شناس يادُون

سامهون سُڪن پنن جان، وِکري پئي آ ساحر
مُسڪان مهجبين جي، چنچل لِباس يادُون

◈

ڄاڻا نہ اوچتو ڇو پنڇڻ لڏو چمن ۾
مُسڪان خُودڪشي ڪئي، دِل جي اُداس بن ۾

پردو ڪٽي اچانڪ، پوپان مُڙي نهاريئي
چمڪو ٿيو وِچ جو ڇڻ، ڪڪرن وِچان گگن ۾

پاٽيءَ سُفيد ۾ ها، ڪريا ٻہ انب جاڙا
اُپري ها ڇُڳهہ ڏهي ويا، تنهنجي ٻنهين ڳلن ۾

جهونڪي هوا جي ڪورو، مُڪڙيءَ جو تن اُمايو
نانگڻ جيان سِيانڊو، سرڪڻ لڳو بدن ۾

جهُرندي آ رت ڳڙيءَ جان، دِل ۾ وصل جي موسم
هُرندي آ آنڙيءَ جان، يادُن جي رُت اکين ۾

سادا ڪوي نہ ڄاتو، لفظن جي راند کي تو
اڻ ڄاڻ ڪوڙڪي هُئي، ڇهرن رنگين لٽن ۾

ڳوليان ٿو، پاڻ ۾ مان، ظالِم اُهو مُصوِر
ٿُوهر جان مون کي ويو آ ، ناهي جو رڻ پٽن ۾

کهڙي شِڪست ساحر، ڪندرُ ڪري ڇڏيو آ
موهن جو ڏيک آهيان، جيون جي هر جتن ۾

◈

جذبات جي سفر ۾ احساسُ ناهي ٿيندو
ڏرتيءَ جو دوست ڪڏهين آڪاسُ ناهي ٿيندو

ڏُک جي ڪنور موسم، بيحد خوشين جي رُت ۾
سُرمي جو دوست اي دِل، الماسُ ناهي ٿيندو

اُسري شفاف جر يا سينور ۾ پر ڪنول کي
احساسُ گندگيءَ جو ڪو خاص ناهي ٿيندو

پيرن کان گهينگهرن پُڇيو چوي ٿو زاهد
قلندر جو رُوپ ڪڏهين، رقاصُ ناهي ٿيندو

مرمر جو تاجُ ڏِسندي، محسُوس ٿئي ٿو گويا
نِرڌن جي پيار کي ڪو اِتهاسُ ناهي ٿيندو

تاريخ جي تسلسُل وحشي جبر لئہ ڪافي
هڪ ورق جو تہ يارو اِپياس ناهي ٿيندو

مُورت حسينا ڪنهن يا، ڀڳوان جي پٿر مان
ٺاهيندي سنگ گر کي ڪو قياسُ ناهي ٿيندو

بي حِس مٽان تون سمجهين، سو شخصُ سادا ساحر
ڇهري مان جنهن جي پڌرو بنواسُ ناهي ٿيندو

◈

ماڻيو تو ساٿُ اُن جو جنهن جي هُئي جُستجُو ڪئي
منهنجي عُمر جي پُوڄا، صحرا جو نازبُو ڪئي

رنگن کي ڪينوس تي ايئن چِٽيو مُصور
تصوير هر نظر سان، ڀرپُور گُفتگو ڪئي

آندو مون پوءِ چپ تي، بدنام جامُ همدم
سجدي ۾ ڀرين روئي دِل ڏوئي باوضو ڪئي

تنهنجي نظر ۾ مُهذب رُتبو بُلند اُن جو
جنهن چونڪ جو تماشو ڏرتيءَ جي آبرو ڪئي

منهنجو وجُود اُن جي چاهي ٿو بندگي جنهن
زندان جي جهروڪ مان آ، تاريخ سُرخُرو ڪئي

سپنا تہ مرمري مون چاهيا ٿي توسان ليڪن
تعمير جاڳ جي تو محلات ماهرُو ڪئي

موتيا گُلاب ٻڻيا، تنهنجي هٿن جي خوشبوءِ
ساريئي نہ ڪنهن لهُوءَ سان، مياڻي آ مُشڪ بُو ڪئي

وِهنتي ٿي رات تُلسي چانڊاڻ ۾ مون ساحر
بِنديا جيان مٿي تي مُرڪڻ جي آرزُو ڪئي

◈

رِم جِهم جي رات شاعر ، تنها اُداس ڪمرو
ڪاغذ تي ڪجهه اڌُورا، دوها نِراس ڪمرو

اڻ جهاڳ انتظاري، يادُن جي سنگ باري
بيچين خواب نِندون، بي گهر تِياس ڪمرو

ٽُوهر جي ڳيت وانگي، رهڙي گهڙي ڳِسي تي
سگريٽ اڌ سڙيل مان، خالي گلاس ڪمرو

گهنگهور اوپرائي، شمشان جهڙي چُپُ آ
هر ڏيکُ اجنبي آ، ناهي شناس ڪمرو

ڪڏهين اڪين جي اُپ تي، جياپي جي چڙهندي اندلٽ
ڪڏهين ڏيکيندو اي دِل، اُجرو لِباس ڪمرو

ڪنهن مست کي بڏل مان، گُهنگُهرن جي آهيان ڇَم ڇَم
آئون ڏمال ڏوليا، قلندر رقاص ڪمرو

ٻاهر هوا ۾ خوشبوءِ آرس پيجي تي دِل ۾
يادُون شِڪست ڪاڏل سپنا، پِياس ڪمرو

ڪنهنجي اکين ۾ اُپريو مهتابُ هوندو ساحر
اُلجهي ٿو فاصلن سان، هيڪل اُماس ڪمرو

◈

ٻنجرو هو پيار تنهنجو محدُود زندگي هُئي
نادان هڪ خواهش، پوڄائي بندگي هُئي

چُلهه تان لٿل تئي جان، مُرڪيس ٿي آءُ ظاهِر
منهنجي وجُود ۾ ڪا، صحرا جي تشنگي هُئي

رستا ڦٽي پيا ها، تانن جا هر نظر مان
خود چونڪ تي سنواري ڊِل جي مون درسني هُئي

پل پيي رهي نہ سگهندُس، هُن ڪان جُدا ٿي آئون
حيرت ٿئي ٿي دِل ۾، ڪيڏي نہ سادگي هُئي

ظاهر تہ گڏ هُياسين، ڇهري تي ٻن اکين جان
صحرا ۾ سمُنڊ جيڏيءَ اڻ جهاڳ پر وِٿي هُئي

اوڊيل هُئي ٻُور وانگي، تنهنجي زبان تي نهڪر
هٽيو حِجاب دل مان ،ظاهر ٿي عاشقي هُئي

بي شڪ ڇئي سگهين ٿو، منهنجو ئي ڏوهه هُوندو
زندان ۾ مون طلبي، آزاد تازگي هُئي

سوَ بار ڏئي سگهين ٿي تسلي اِها تون خود کي
تو کان جدا ٿي ساحر، ڪئي پاڻ خودڪشي هُئي

◈

محسُوس ٿيون نہ پهرين، رِم جِهم تي غم اُداسيون
پکڙيون ڪٿان ڏُونهين جان، عالم تي غم اُداسيون

هاريل ڪلاڙيِ پاسِن، گليون، بزار، منظر
ذردين جيان وٺيون هِن، شبنم تي غم اُداسيون

تابُوت ۾ آ آيو ڳڀرُوءَ جو لاش گهر ۾
ڳولا ڳيي جيءَ آنديون محرم تي غم اُداسيون

رابيل تنهنجي آئي، بدلي نہ دِل جي موسم
تاسا ننگر جا ناچُو چم چم تي غم اُداسيون

گُذري آ ڪير پر مان، پوشاڪ ماتميءَ ۾
ڦهليون جو اوچتو هِن، سرگم تي غم اُداسيون

فُرصت ملئي تہ اُن جي ، نيٽن جو ديس ڏِسجان
جنمن ڪان جنهن جي برسيون، موسم تي غم اُداسيون

ايئن بہ ڪونهي صاحب، انسان جو مُقدر
فُٽ پاٿ جي حياتي، دم دم تي غم اُداسيون

ڇهرن تي ٻجُ ڇٽيو اڻ جاڻ خوف ساحر
وحشت ڇِٽيون امُن جي، پرچم تي غم اُداسيون

◈

مان تنهنجي مُقدس قدمن جي، مِٽي جي سعادت چاهيان ٿو
ڪا ديول دِل جي ڌرتيءَ تي، جوڙي پوڄ عِبادت چاهيان ٿو

هر ويل انا جو ڪنڌُ پنجي، هر روز خُوديءَ کي خاڪ ڪري
مان تنهنجي در جي چائنٺ ٽيان، محبُوب اِجازت چاهيان ٿو

مون پنهنجي اڌ جي ڳولا ۾، خُود پاڻُ تِياڳي ڇڏيو آ
هِن ٿُوهر جهڙي جياپي ڪان، ڏي ساٿُ بغاوت چاهيان ٿو

لولاڪ جي ساري سوڳ منهنجي ، هردي کي بڻايو مسڪن آ
گهنگهورُ رُدالي موسم ۾، مُرڪن جي تلاوت چاهيان ٿو

ڇا چاهي ٿي هيءَ خاموشي، ڇا تنهائيءَ جو مقصدُ آ
مان تنهنجي مُهذب چهري مان، موسم جي وضاحت چاهيان ٿو

جا پُونجي ساري عُمر لُڄي مون ميڙي زخمي خواب ڪري
آ حاجت منڌُ ڪو دردن جو، اڄ ڳٽپ سخاوت چاهيان ٿو

ڪيڏانهن وڃين ٿي چانڊوڪي، تون منهنجا آلا نيڻ چُمي
مون کي ٻ وٺي هل چهرن جي، نِنڊن ۾ مُسافت چاهيان ٿو

هوءَ خوشبوءِ جيڪا مرڪز آ، فِطرت جي رنگن جي ساحر
مان سُڳداسي ان سانوڻ مان، ساهن جي طهارت چاهيان ٿو.

◈

اڳيان ڏُنڊ گهٽجي تہ منظر کي سمجهان
ڏمالُن کي سمجهان، قلندر کي سمجهان

خُدايا اِهو مونکي اِدراڪ ڏي مان
عبادت کي سمجهان، پيامبر کي سمجهان

هتن منهنجون نظرُون پُوڄارڻ تان آئون
ڏِسان ديوتا کي ۽ مندر کي سمجهان

گهمنڊ ٻروسي جو، ٽُٽي دوستيءَ تان
لِڪيل آستينن ۾، خنجر کي سمجهان

ڪنيو مون ڪُلهي تي ڪِڪو ڄار ناهي
تماچيءَ جيان ڪيئن ڪينجهر کي سمجهان

اُگهاڙپ ڍڪي مون هُجي ڪنهن ننگي جي
اُٽت جي هُنر کي ۽ وينجهر کي سمجهان

شِڪستون ڳِٽڻ کان ملي واندڪائي
لُٽيرن تي سوچيان، سِڪندر کي سمجهان

جياپو ملي تنهنجي پاڪُر کان ساحر
لهر تي لهر ٽيان، سمندر کي سمجهان

◈

درد جي گهري ڀنور ۾ لاپتا آهيون اسين
تون ٻُڌي جيڪا نہ سگهندينءَ سا صدا آهيون اسين

چانو ۽ بادل جيان ٻئي همسفر آهيون مگر
پنهنجي اندر ۾ اڌُورا ، آسرا آهيون اسين

آشنائي آهي پنهنجي، چُپ ۽ ڪندر جيان
ديوداسي تون نہ سائنڻ ديوتا آهيون اسين

گيت تون خوشحال رُت جو نظم آئون درد جو
پاڻ ۾ ٽڪرائيا پر بارها آهيون اسين

جاڳ ۾ ڳولي وتو آ، هاڻ سپنن جو سفر
زخم آهيون خود زخم جي ۽ دوا آهيون اسين

تاج جي هيري جيان هو مانُ ۽ رُتبو ڪڏهن
تنهنجي قدمن جي مٽي اڄُ، دلرُبا آهيون اسين

مست ڪنهن جو وِردُ آهيون، بيخودين جي ڪيف ۾
بي وِضو سجدن جيان ۽ يا خدا آهيون اسين

آسمان اُچلي چڙيو آ، ڀونءِ ساحر بي خبر
واءَ ۾، قاتل خَطن جا، چڻ ذرا آهيون اسين

◈

زندگي گُلزار تنهنجي، خواب گُلدستا هُيا
منهنجا پنڇڙ جي پنن جان، گهاءَ پيي سسِتا هُيا

مُهذبن جي بزم ۾ هُئي آخري پيرو نچي
پير زخمي نِرتڪيءَ جا، رَقص ۾ يڪتا هُيا

اوچتو دِل جي شهر ۾، قافِلا وارد ٿيا
بانسريءَ جا سُر هُيا يا، درد جا دستا هُيا

زخم ها پورهيت هٿن جا، سامراجي دين پر
ٿهڪ تنهنجا ماڻهپي جي، قبر تي ڪتبا هُيا

قافلا ابنِ مريم جي آڙ ۾ ميرائيون
پنهنجي اندر جون ڪرڙ سنگسار لئہ نِڪتا هُيا

شام تنهنجي سُرمئي سنپار جو پرتوو بڻي
بارشون آيون تہ ڏوپيا، ياد جا رستا هُيا

ڪنهن ڳِراتي ڪين پاتي، مونکي جيجل ماءُ جان
بارها پرتل بہ توسان، بارها پرتا هُيا

گيتُ جهرڻن جو هو ساحر، گُفتگُو ۾ معتبر
زهر ۾ خنجر ٻُڏل، تنهنجا مگر گُفتا هُيا

◈

صحرا ۾ اذانِ صدا جيئن پٽڪيو آهيان
ڪافر دِل ۾ خوفِ خُدا جيئن پٽڪيو آهيان

توڪان پوءِ درياهه بہ ناهي دوست رهيو
پياس جي رِڻ ۾ مينهن دُعا جيئن پٽڪيو آهيان

پنهنجي اڏ جي ڳولا ۾ مان جنمن کان
لهر لهر ٿي، مست دريا جيئن پٽڪيو آهيان

بدنامين جا زيور پائي جنمن کان
بازارُن ۾ بنتِ حوا جيئن پٽڪيو آهيان

پاڪ پويتر خوشبوءِ پورهيت جسمن جي
درٻارُن ۾ بد دُعا جيئن پٽڪيو آهيان

معصومن جي پياس ڪري وئي واسو آ
دريا دريا، ڪرب و بلا جيئن پٽڪيو آهيان

تبليغون تاراج ڪري پوءِ سرمد ۾
عِشق عِبادت وجد انا جيئن پٽڪيو آهيان

تنهنجي چاهت چولو ٻيهر بدلايو
زخمي ساحر آءُ وفا جيئن پٽڪيو آهيان

◈

بهارُن جا جڏهن بن سان ملڻ لئہ رابطا نِڪتا
اسان جا درد موسم سان، پُراڻا واسطا نِڪتا

بصر جي تهن جيان کُلندي، اڳيان منهنجي وئي موسم
هُئي گهنگهور تي دِل جي اکين مان وهڪرا نِڪتا

مهڪ پورهيت پگهر جي مون، ڪرڻ محسوس ٿي چاهي
زخم مذدور هٿڙن جا، ڪندي ها مرحبا نِڪتا

لٽا اُيريا ڪئي سُورج ، ٻُڏيون راتين ۾ شامُون پر
غُلاميءَ مان جياپي جا، نہ رستا سانورا نِڪتا

شهر جلاد تي تُهمت، هنئي گردن ڪٽڻ جي پر
جشن منهنجي قتل تي جِن ڪيو سي فرشتا نِڪتا

وصل جي وارتا ڪڏهين اسان سان ٿي نہ جيون ۾
جُدائن مان جُدائن جا ، هميشہ پيچرا نِڪتا

لِقون تي جُستُجوءِ منهنجي ڪندي انسان جي ڳولا
شهر ۾ جيڪي مليا سڀ ، پٿر جا ديوتا نِڪتا

اجا برباد سپنن جا، نہ مَلبا ميڙيا ساحر
وري اَڄ تَڪ اوجاڳن جا ، اکين لئہ مرحلا نِڪتا

◈

نہ جاڻا ڪير آ هلندي، رُڪي پل راحبا سوچيو
اڪين سان مرحبا چوندي، رُڪي پل راحبا سوچيو

مسيحا جي جڳهہ ڪنهن جو اکين ۾ عڪس اُڀريو آ
عبادت ۾ خلل پوندي، رُڪي پل راحبا سوچيو

خُداوند ماجرا ڇاهي، يسُوع ڪا رهنمائي ڪر
سيني تي ٽياس جي ٿهندي ، رُڪي پل راحبا سوچيو

اڪيلائين جي اوجهڙ کان ، نِجاتن جو سبب بڻبو!
چڙهائي چرچ جي چڙهندي، رُڪي پل راحبا سوچيو

نہ چاهيندي بہ نظرون، ڇو ڪجن ٽيون اوپري ڪنهن ڏي
حياء جي بُوند ۾ پِڄندي، رُڪي پل راحبا سوچيو

ٿڌي چشمي سان ڪيئن مُمڪن، گرم صحرا جو سنگم آ
نديءَ جان آهستي وهندي، رُڪي پل راحبا سوچيو

رحل نيڻن ۾ وينو آ، مُقدس ڪيرُ چهرو هيءُ
ورق انجيل جا پڙهندي، رُڪي پل راحبا سوچيو

اکين ۾ ننڊ جي بدلي، وصل جا ڏيک ڇو ساحر
نِنڊاڪي چنڊ کي ڏِسندي، رُڪي پل راحبا سوچيو

◈

پُر ڪيف پلڪ جيئن سمندر سُتو نہ آ
بيڪل وجود ايئن ويجهر سُتو نہ آ

پياسو اجا بہ آ، جلاد خُون جو
درياهہ قتل ڪري، خنجرُ سُتو نہ آ

تنهنجي وئي ڪان پوءِ، سارنگ جي ساهِڙي
وسڪار جو ڪڏهن، منظرُ سُتو نہ آ

دٻجي ڏمال ويئي، ڪڙ ڪڙ ٿيا گهينگهرا
منهنجي اندر مگر، قلندرُ سُتو نہ آ

هر دِل ۾ آ وِڇيو، تعزيت جو تڏو
مورن جي موت تي، ننگرُ سُتو نہ آ

بيواهہ جي سينڌ جان درياهہ جو ڏيک آ
ٻالڪ يتيم جان، اندرُ سُتو نہ آ

ڌرتيءَ جي ڪُک ۾ ، سِرجيو نہ ڪو سلو
پينوءَ جي پيٽ جان امبرُ سُتو نہ آ

هاري آ سُرخرو ساحر وجُود ۾
جيتي بہ نِنڊ ۾، سڪندرُ ستو نہ آ

◈

ڏٺو نہ ڪنهن بہ مهربان ، اُداسين جو آسمان
اُجاڙ دِل جو آستان ، اُداسين جو آسمان

ڪٿي تہ انت ناهہ ڪو ، سُڪون چين ننڊ جو
ڪٿي آ جاڳ جاودان ، اُداسين جو آسمان

اُميد نا اُميد جو ، سفر ۾ گڏ آ قافلو
انڌيري رات ڪهڪشان ، اُداسين جو آسمان

نہ گُفتگُو ۾ پوئجي سگهي ، نہ ماپي ماٺ ۾
عجب انوکو داستان ، اُداسين جو آسمان

ٽُٽل ٽُٽل خواب هِن، جهُريل جهُريل وجُود جو
زخم زخم آ گلستان، اُداسين جو آسمان

هجُوم در هجُوم آ، قدم قدم تي درد جو
روان دوان آ ڪاروان، اُداسين جو آسمان

رُٺل رُٺل آ سانوڻي ، تتل تتل آ ڌر تتي
نہ رنگ رنگ آجيان، اُداسين جو آسمان

چٽي سگهي نہ شاعري، ڪڇي سگهي نہ ساحري
غمن جو انت جانِ جان، اُداسين جو آسمان

◈

گهڙو سُهڻي، ڪُنير آوي، ندي ميهارُ ٿيڻو هو
انوکي شرط تي ، تنهنجي ، گلي جو هارُ ٿيڻو هو

اڌُوري لهر جان پُڄڻو هُيو هر حال ساحل تي
ٽُٽل ٻيڙيءَ سندو مون کي، پرين پٽوارُ ٿيڻو هو

گرم ساهن جي سرگم کان، نرم ٻانهن جي موسم کان
جُدا ٿي ماءُ ڌرتيءَ لئہ ، ڪوئي هٿيارُ ٿيڻو هو

ديوارون دوست مقتل جون، ٿيون حيران پرھ ويلي
ڳچي سرويچ جي مون کي، توکي تلوار ٿيڻو هو

سناٽن جي سمندر سان،ملي گونگي نديءَ وانگي
پراڻي محل جي، ٻوڙي مون کي ديوار ٿيڻو هو

تجسُس تنهنجي نيڻن جو ٿيڻ جي لاءِ سيلاني
وساريل قومي ورثي جو، مون کي آثارُ ٿيڻو هو

عدل دربار دِليءَ جي، قلم جو ميرُ هو سرمد
هٿان فتويٰ فروشن جي، توکي سنگسار ٿيڻو هو

اڌُوري نظم کي پُورو ، ڪرڻ جي لاءِ ساحرکي
لُٽيل سفاق قاتل جي، هٿان، بازار ٿيڻو هو

◈

زخم زخم وجُود جا، عذاب انتظار جا
اوهان ڪڏهن نہ پوڇيا، شباب انتظار جا

عبادتون شُمار جو، اسان جو نيڪ فرشتو
اسان ڪمايا عُمر پر، ثواب انتظار جا

اُميد جي تلاءَ ۾ ، وني ڪا بُوند دوستو
وري وري جُڙيا، مِٽيا، حُباب انتظار جا

لِڦون لِڦون نِهار آ، چٽر چٽر آ چاندني
سُڪل سُڪل ٿو ميڙيان، گُلاب انتظار جا

نہ ساٿ تنهنجو ماهرُو، نہ پيار تنهنجو واهرُو
اڪيلو آءُ اڄ ميا، شراب انتظار جا

هوا جي آهٽُن ڏِنو، گهڙي گهڙي فريب آ
نظر نظر ڪجي ڏنا، سراب انتظار جا

قريب ٿي نہ ذائقو، چپن چکيو نفيس ڪو
وڃايا پياس جا عُمر، رباب انتظار جا

عجيب خود ڪلاميون، هُيون انڌيري ڪُنڊ ۾
ڪيا سوال خود ڏِنا ، جواب انتظار جا

تمام رات درد جا، ڏِکها وشال ساحرو
لِکيا ءِ خود اسان پڙهيا ،ڪتاب انتظار جا

◈

اکين ۾ درد جي موسم ، قدم ناڪام رستن تي
ڪيون يادُن ٿي سرگوشيون، اسان سان شام رستن تي

زخم زرقون جان مُرڪي، پيا برسات جي آئي
پِنل پنيا تصوُر ۾، اُڏيا گُلفام رستن تي

ٽِڙي ٿو چنڊ تارن جي، سفر ۾ لرزشُون آهن
هوا سان ڪنهن ڇڏيا هاري، انوکا جام رستن تي

اُهي ئي هرڻ پياسي جان، اکيون درشن جي ڳولا ۾
اُهي ئي پير پاڳل جان، اُگهاڙا عام رستن تي

اُهي ئي ننڊ جا نخرا، اُهي ئي جاڳ جا جوين
اُهي ئي خواب آوارا رُلن گُمنام رستن تي

اُداسين جو ڪفن پاتو، فِضا آ سوڳ ۾ سانوڻ
گُلابي خواب مائن جا، ٿيا قتلام رستن تي

سواءِ پوشاڪ جي جن جا، بدن ڪنهن لئہ نہ محرم ها
اُنهن جا ڪهڙي مجبوريءَ ، لڳايا دام رستن تي

ڪري آ ساھ کي سوگهو، ڇڏيو بارُود جي بدبوءِ
هلي ڪيئن ماٺهپو پائي، امُن احرام رستن تي

اڌُوري خواب کي مڪمل، ڪرڻ جي لئہ ضروري ٿيا
هُيو ساحر، نِگاهُن جو ، سفر بدنام رستن تي

◈

هڪڙي گهڙي ٻه هُن ڪڏهن، بهتر نه سوچيو
شيشي جي نازڪيءَ تي پٿر نه سوچيو

سِرهاڻو ڏئي وِهاڻو ننڊ جو سُڪون وٺندس
سپني ۾ چين اهڙو بي گهر نه سوچيو

محبوب سنڌ منهنجي، تنهنجي ڀلي لئه ڪڏهن
سياست جي ڪنهن مداريءَ ليڊر نه سوچيو

ڪيڏي تباهي ايندي، هڪڙي نئين عمل سان
نفرت جو ٻِجُ ڇٽيندي، رهبر نه سوچيو

جانڊاهه جان ئي ڳهندي، ڪنڊي آ زندگي
ڀِڃري ڪان آڃپي جو، چاڪر نه سوچيو

ٻڌيو آ راڳ تنهنجي قدمن جي ڇو ڳوي
پٿر جي مورتي تو ، ڪنهن پر نه سوچيو

منهنجي ۾ شوخ چنچل، اوڻل نديءَ وِڇان
ديوار ڊيم ٽيندا، ساگر نه سوچيو

آوارا خواب جهڙو، ممڪن نه شاهه جا
لڪندو ڪڏهن قصيدا، شاعر نه سوچيو

سيني تي سونو تمغو چمڪي انهيءَ لئه ڪڏهين
درٻار ڪنهن ۾ جهُڪندو ساحر نه سوچيو

◈

بيڪل اُداس شاعر هر پل مِزاج ۾ آ
صحرا ندي سمندر جهنگل مِزاج ۾ آ

طلبي نہ سِر سواءِ ڪي اعزاز مان رُتبا
جياپي جي جنگ يارو پيجل مِزاج ۾ آ

معنيٰ تہ شوخ چنچل بيحد هٺيلي ليڪن
چندن جي مهڪ راڻا مُومل مِزاج ۾ آ

سُورج جو سيڪُ ڪڏهين ٻڙ جي آ ڇانوَ بابا
رابيل رُت هميشہ ، جيجل مِزاج ۾ آ

ڳالهين جي بارشُن ۾ جل ٿل ڪيئين تہ ڄاتم
درويش پنهنجي اندر بادل مِزاج ۾ آ

سُڳداسي پاسجي تي ساهن جي دوست موسم
ڏرتيءَ جي گُفتگو اڄُ محفل مِزاج ۾ آ

لوهار تي نہ سگهندُس آئون پُنر جنم ۾
رنگريز ڪوئي منهنجي، ويتل مِزاج ۾ آ

تلوار جو مُقدر رت جون نديون وهائڻ
ڪنهن تي نہ ترسُ ساحر قاتل مِزاج ۾ آ

◈

شاهه کنهن جي ڪيئن ڪنداسين چاڪري مُنڪر اسين
لادوا گهاري سگهون ٿا، زندگي بهتر اسين

پنهنجي زخمن جو ڪيون ٿا، درد سان سستو عِلاج
ويڄ جا مُحتاج ناهيون، دوستو ڪنهن پر اسين

پروسن جي پيل ڪان پوءِ، هر خوشي اولڙ بڻي
پر ٿياسين پاڻ پنهنجا، رهنماء رهبر اسين

دوستو دِل جي دُڪان تي، اڻ مَيو ءِ اڻ مُلهو
درد ٿا شاهن ۾ وِرڇيُون، ٿي فقيري گهر اسين

خواب چِڪناچُور آهن، ننڊ ڪان خالي اکيون
چنڊ تي چوڪي ڏيون ٿا، مُفت ۾ اڪثر اسين

حادثو هو، مُعجزو هو، خواب يا سُندر خيال
اجنبي ڪنهن مُرڪ جا، بڻياسين پل محور اسين

واسطا ويسر جي ڏُنڌ ۾، آ لپيٽي وقت ويو
هاڻ ليڙُون ماروي جي کُوهه تي چادر اسين

زندگي محبُوب وانگي، تو ٻه لُٽيو بارها
بارها ساحر بڻياسين، وقت جي نوڪر اسين

◈

پِنو هان پيار تنهنجي جي پِرين پرپُور بارِش ۾
نپُوڙي رات ساري تو ڏِنا انگُور بارِش ۾

سڄڻ جي ساهه جا سرگم ڪهين ڪي ساهه کان ويجها
جُهريا ڪنهن درد وندي جا، مگر ناسُور بارِش ۾

هُئي گهنگهُور موسم ۽، انڌيرو هو قبر جهڙو
تڏهن هو چنڊُ منهنجي گهر، ٽِڪيو مجبُور بارِش ۾

رڳُن ۾ خُون جي بدلي، ڪپُر ها رات پر ڪيڏيا
وِصل جو گيتُ تو ڇيڙيو ڪٽي تنبُور بارِش ۾

گهران پُوڄا جي نيت سان، وئي مندر تي ديوي پر
اُجهاڻيس واءَ ۾ ديپڪ ، پِنس ڪافُور بارِش ۾

اُنهن جي درد جو ڪاٿو، اُٿل درياهه ئي ڄاڻي
هُجن ٿا جن کان وڇڙيا، پيارا دُور بارِش ۾

لٽيون بِن آبشارن جان نِگاهون دِل جي واديءَ ۾
حِجابن جون هڙون کُليون ٿيا چپ چُور بارِش ۾

بهارُن ۾ ڪليءَ ڪنهن ڏي، نه تاڙيو پئونر آرائڻ
چڙهيو آ چانڊ تنهنجيءَ تي ، ساحر ٿي ٻُور بارِش ۾

◈

سمُونڊ جي وشالتا اساس ۾ ڇڏي ويو
پياڪ پياسا چَپَ آ، گلاس ۾ ڇڏي ويو

عجيب راهرُو مٺا، ٽڪل ٽڪل وجود جا
سهيڙي درد مُرڪ جي، لِباس ۾ ڇڏي ويو

مسيح هو يا، فاختا، چڪور هو يا ديوتا
سُفيد جهنڊو ڦڙڪندو ٽِياس ۾ ڇڏي ويو

ڏِٺا نہ چنڊ گهاٽ تي، ڇُميا نہ واءَ واٽ تي
خواهشن جا پيچرا، حواس ۾ ڇڏي ويو

مٿيو هُيو هُو بارها، اڪيلتا جي رُڄ مان
جهُريل وجود بارها پياس ۾ ڇڏي ويو

ڪوي هُيو يا ذرد پن، هوا هُيو يا درد بن
گُلاب درد موسمُون، اِپياس ۾ ڇڏي ويو

هليو هو جنهن سان ڪاروان، وطن جو سچو پاسبان
شهيد رات ديس ڪي، اُماس ۾ ڇڏي ويو

ڪٺُو ڪٺُو ٿيا گهينگهرا، اُديڙيا بزم جا ٻِڪيا
سُرُور گيت ساحرو، رقاص ۾ ڇڏي ويو

◈

مُقدس ڪنهن صحيفي لئہ جيئن جذبو عقيدت جو
ڪُليو درُ راحبا تو لئہ ايئن دِل ۾ فضيلت جو

انڌيرن کي اُجالن ۾ ڪندو تبديل آ ليڪن
طلب سُورج ڪندو ناهي، اُجورو ڪنهن ڪان محنت جو

عقيدو دِل جو ماپيندو، هاڻي بارُود جو شعلو
سبق ڪنهن بہ ڪان پڙهبو، سهي مسلڪ طريقت جو

جنهين پوشاڪ سان سائنڻ ڍڪيو آ انگَ تو پنهنجو
هڏن جي مِک سان تنهن ۾ پسينو آهي پورهيت جو

عِبادت گاهہ ۾ ڪونهي پناهُون يا خدا ڳوليان
ڪُفر جي دور جان غارن، اندر رستو عِبادت جو

وطن جي پاسبانن جون، رهيُون بي نام قبرُون ۽
وتو تمغو شِڪست ڪاڏل، هُيو مُرڪي شجاعت جو

وِصل جي واس ۾ مهڪيل، چوي ٿي چاندني مون کي
ذِڪر ڪر جانيي ڦُليڙين جو، غزل ڇيڙي محبت جو

هُيا آتش فشان هُن جا، اِرادا پر اسان ساحر
طريقو وِچ ٿرو ڳوليو، ڪڪر جان رات مصلحيَت جو

◈

مون کي ٻانهن جا وِجهي هار هلي ٿي مون سان
شهرِ قاتل ۾ تنهنجي سار هلي ٿي مون سان

آءُ منصُور جي مسند جو هان قائل تڏهين
هڪڙي فتويٰ ۽ ٻي تلوار هلي ٿي مون سان

پير ڪڙيون ٿيون وجن منهنجون سري مقتل يا
تنهنجي پازيب جي جهنڪار هلي ٿي مون سان

منهنجا محبُوب وطن آ جيپي جي منزل ۾
خاڪ تنهنجيءَ سندي هُٻڪار هلي ٿي مون سان

هڪڙي گهاٽي ۾ منهنجي خون جي آ ڪستوري
ٻي تنهنجي پيار جي ٽڏڪار هلي ٿي مون سان

ڪيرُ مهٽي ٿو ڪِلي لُوڻ منهنجي زخمن تي
ڪير مرهم جيان هر دُوار هلي ٿي مون سان

تاج حيران ۽ لرزان آ قلم قاضيءَ جو
سر به ناهي ته چو دستار هلي ٿي مون سان

آءُ منصُور نه سرمد نه مسيحا ساحر
پيڙ چو هيڏي سري دار هلي ٿي مون سان

◈

تنهنجو لهجو جڏهن دوست خنجرُ نہ هو
پُڄ منهنجي نِگاهن جو منظرُ نہ هو

موسمن جي سفر ساڻ بدِليو هُيو
بيئي پاڻيءَ جيان وقتُ وينجهرُ نہ هو

هيڪلائي هُئي توکان پهرين مگر
ڪنهن ڏُهاڳڻ جيان منهنجو اندرُ نہ هو

درس ڏي ها محبت جي معراج جا
شهرُ درويشُ صُوفي قلندرُ نہ هو

بي قرارين جو جهنگُل هو ٿهليل اڳيان
اِنتظارن جي موسم ڪي بندرُ نہ هو

هڪڙي نانگڻ بدن پيليو رات ڀر
سانت دِل جو گهڙي ڪن سمندرُ نہ هو

تنهنجي نيڻن ۾ سُرمي جو سانوڻ ڏسي
ياد مونکي رهيو دِل جو ڪندرُ نہ هو

چوڏسائون مهڪ ٿهلي لوبان جي
دُور تائين مگر ڪو بہ مندرُ نہ هو

تنهنجي وحشي پٽي تي چيو آسمان
اهڙو سفاڪ ’ساحر‘ سِڪندرُ نہ هو

◈

سُڳداسي مهڪ واسيون سينڍون ڏراڙ جون
گهريون لڪيرُون ٿي ويون منهنجي نِراڙ جون

پنهنجي وچان حِجاب جي مومل وِٿي نہ وئي
ڪُونجين وري ڪڪوريون سرگوشيون لاڙ جون

جهاُتيون گهگهي سُفيد مان پِستان جون ايئن
ٿوري وِٿيءَ تي جئين اُپيون چوٽيون پهاڙ جون

چنچل سڳيءَ جي چيلهہ سان ڪيچل هُئي پئونر جان
نيرڳُ نهار ٽاريون شامون آڪاڙ جون

پيتا مون جام، جام ها، نرگس اکين منجهان
پيليون مون موجون موج سان، جوڀن جي واڙ جون

اندر جي اِنقلابَ سان تاراج تخت ٿيا
پوري دريون نہ بند تون شيشي جي ماڙ جون

شرمائي چوِ نِگاهہ کي هاريئين گهڙي مٿان
رمزون اسان نہ پرکيون جوڳڻ جي جهاڙ جون

آسڻ اياز جي تي مون پڙهيو لطيف کي
موجُون خُمارجي ويون ’ساحر‘ ڪراڙ جون

◈

ڪٺوري ساهن جي وارتا جو وطنُ هُياسين
اسين ٻہ ڪنهن جي حِنا حياءَ جو وطنُ هُياسين

ڪنور موسم جون ڇِلولايون، ڇُڳن ٽيون ياڏُون
گُلاب رُت جي پنل هوا جو وطنُ هُياسين

ثواب جان هُئي پِناهہ تنهنجي نِنڊاڪي نچڻي
گُناهہ راتين ۾ پارسا جو وطنُ هُياسين

اِنجيل جهڙين اکين ۾ هاڻي نہ آ تقدُس
ڪڏهن مُقدس راحِبا جو وطنُ هُياسين

وضُو هو جنهن جو وجُود هردم اُنهيءَ پريءَ جي
حِجاب لمحن ۾ مرحبا جو وطنُ هُياسين

مريض رُوحن جو سِنڌ مسڪن بڻي آ ڪڏهين
عظيم قومن جي واسِنا جو وطنُ هُياسين

ڪڏهن نہ سڻيي گرهہ تي هرڪي نِگاهہ پنهنجي
ٿِياس تي پيي اڏولتا جو وطنُ هُياسين

رباب تي ڪنهن گُداز ڌُن جو سُرُور 'ساحر'
اُداس ڪُونجن جي هر صدا جو وطنُ هُياسين

◈

نِنڊاکي نيڻن جا جام سانول سنيالي رکجان
چڳُن جي ڇهري سان چنڊ کيچل سنيالي رکجان

حياءَ جو پوتر لِباس توکي لڳي ٿو سوڙهو
ڏکيندئي اوگهڙ اِهائي ململ سنيالي رکجان

جوان رُت جو غرُور توکي سرُور توکي
چڙهائي تِرڪڻ آ پير مُومل سنيالي رکجان

اکيلتا جي اُجاڙ رڻ مان متان گُذر ٿين
هي منهنجي سُڌکن جي دوست محفل سنيالي رکجان

اندر جي آويءَ جي ٻاڦ ٻاهِر متان اوٻاڇين
کندي آ ڪُندن سا آڳ پل پل سنيالي رکجان

گُلاب شبنم جو ميل ڏِسندا سُفيد ڪِرٽا
صبُوح ٿيندو اُميد آنچل سنيالي رکجان

اِجهو تہ کيتن تي پئونر پِريا سُڳنڌ سنوريا
ڇِنل ڳنڍيندا سين پيار پايل سنيالي رکجان

حُباب جهڙين خُواهشين جي پُنيان نہ رُلجان
عظيم مقصد لئہ جوت جل ٿل سنيالي رکجان

نہ ڄاڻ ڪڏهين حياتِ بنجي عذاب ساحر
دُعا جو هڪڙو اُداس بادل سنيالي رکجان

◈

ٻُڌل رهئين خُمار ۾ ، نشيلي ڪنهن نِگاهه جا، شراب ئي ويا هارجي
ڇُلي ڇُلي گھڙي جيان، ٽريلي نازنين جا، شباب ئي ويا هارجي

ٽِڙيا ها جي پهاڙ تي، ڇُهاءَ ڪان ٽيا اوپرا، چڙهيا نہ ڪنهن جي ڏيان تي،
بهار جي صليب تان،ڪِريا تہ پنُ پنُ ٿي گُلاب ئي ويا هارجي

اُداس ڪاسبو ڏِسي، جُهري ننگر جي مورٽي، ۽ ٿُوهرن جي ٽيجُ سُڪي،
لکيا صدين ڪان ڪُونيٽن اُميد جا حسين سپ، نِصاب ئي ويا هارجي

او سانورا ٽري اُٽي، اٿئي جا درد جي فِضا، بي جان بانسريءَ منجهان،
اُتر جي هڪ سفير جون،اکيون بہ آگميون ۽ سپ، رباب ئي ويا هارجي

پريان هُو ڪنهن جُهڳي منجهان، آلاپيو ڪو گيت آ، وٺُورو جنهن جو ميت آ،
اُڏاٽيون نِنڊ جون پريون خيال چرڪ ٿي ويا، خواب ئي ويا هارجي

جلاد لاڙ جي هوا، قهار جهڙي چاندني، ترار تي آ هر گھڙي،
قدم قدم تي ياد پئين، نظر نظر تي اک ٽڙي، حِجاب ئي ويا هارجي

نِراڙ تي تو هٿُ رکي، ڏِنو هو ڪنڌ ُکٽي ڪکرُ ونو هو ڪيڏو ڪيرُ ٽرُ،
ڪٽيون مون پنهنجون بي خُوديون، پُريا جبل انا سندا، خِطاب ئي ويا هارجي

بهار پيي تڙي چڏيو ، قرار ڪونہ دِل ڏِنو، ٽريون نہ پل ڪڏهن اکيون،
بِنا ثمر اسان سان گڏ، هلن هان ڪيترو ٽڪي، عذاب ئي ويا هارجي

ڪنن سفر جي ڇُوند خُود، ڪئي سين موڙ موڙ تي، رُلايا روھ ساحريءَ،
ڪُلهن تي سوُ صليب ها، اسان سان پنهنجي سوچ جا، ڪِتاب ئي ويا هارجي

◈

آواز فضا ۾ گُونجيو هو پٿر سان شيشو ٽڪرايو
پر دِل جي چوٽ ڏي ڏيان نہ ڪو، جنهن روحُ سڄو هو راتايو

ڪو لفظُ نہ سرجيو خاموشيون ڪمري ۾ اُگهاڙيون گُهميون ٿي
سُرمائي بادل اڻ جهل ها ڳوڙهن ٿي ڳلن سان ڳالهايو.

صحرا جو اڻ کُٽ ڏيکُ اڳيان، هڪ پياسي هرڻي ڊوڙي ٿي
ڪلهہ رات هو گهري ننڊ منجهان، اِن سپني مونکي ڇرڪايو

ٻاڪار ٿي آئي رات ڪِٿان، بند در ها مسجد مندر جا
ڪنهن نانءُ خُدا جو رات وٺي، در در جو ڪڙو هو کڙڪايو

گُل دوست پٺي تون تاريءَ تان، ڪُچلي پوءِ هليو وئين ڪاوڙ مان
ڪنهن پاڳل جان مون رات سڄي، منظرُ سو اکين ۾ ورجايو

جنهن ويل ڳيو مون باسي هو، منگتي جي وڏايو ڪِستي ڏي
هو مينهُن انهيءَ پل دُعائن جو، دِل صحرا تي هُن برسايو

تو موڙُ مُڙي پل لاءِ رُڪي، ململ جي چُنيءَ سان ڳل اُگهيا
احساس جي گهاٽي ۾ گهڙيون، محبُوب مون خُود کي پيڙايو

هڪ شور جي اڻ جهل آنڌي آ. هڪ ڊوڙ آ ’ساحر‘ دولت جي
ڪشڪول ۾ تنهنجي ديوانا. لفظن جو پريل آ سرمايو

◈

آيُون رُڳو حياتِ ۾ تڙپڻ جو موسمون
هڪڙو ئي پلُ بهار پوءِ پن ڇڻ جون موسمون

ڳوڙها گواهه ٿئي ته مان، ڪيڏو رُنو هُيس،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ سڀ، برسڻ جون موسمون

هوءَ ڇوڪري گُلاب ڪي، ڳل تي رکي ڏِسي
ڪڏهين رُسن نه سنڌ ڪان، مهڪڻ جون موسمون

اُن جي نِگاهه گهور جان جيڪر مِلي وڃئي
جنهن ڏي اوهان اُماڻيون، ترسڻ جون موسمون

منهنجي نِگاهه نينگري، لهرُون ٿيڻ گهُريو
تنهنجي حياءَ برسيون، اُڻ تُڻ جون موسمون

گُذران ٿو تنهنجي ياد جي، ٿاريلي ٿاڪ تان
جهوري وڃهن ٿيون ڪُونجڙي ڪُڙڪڻ جون موسمون

پنهنجا حِجاب اربنا، جنهن ڪي ڪنديِنءَ پري
تنهن جي حياتِ چاهه ۾، ڇهڪڻ جون موسمون.

آٿت نه ڪو اجهو ٿيو جيون جي نٿهڻ ۾
ساحر هميشه چوڙيون ٿسڪڻ جون موسمون.

◈

باادلئو بادلئو ساڻ مون کي نيو تاس آ تات آ
رات پُورب ڏسيو نِرت آ هر ننگر سونهن سوغات آ

پنڇئو پنڇئو چاڻ ڪائي ڏِيو جُوءِ ساريءَ اندر
ڇا ترڙيو تئونرُ ڪو واءَ ۾ آ مهڪ جاڳي جذبات آ

دوستو دوستو رهگُذر آ ڪنڊا پيرَ رتُ رتُ مگر
پندُ اڳتي اڃا شام ويئي لڙي جهانوِري جهات آ

منصِفئو منصِفئو ڪيسين زِندان ۾ زندگي قيد ٿئي
ڇا نہ انسان جي پاڳ ۾ ڪا لکيل پُوري بارات آ

شاعرو شاعرو ويهي پردي پُٺيان نئين ڪيو رُوپ ۾
پنهنجي ٻوليءَ مٿان ماءُ لوليءَ مٿان وار واحيات آ

پرجهلَئو پرجهلَئو ، تئونس تن ۾ تِڪي ، مُونجهہ من ۾ گهٽي
ڪو دِلاسو ڏِيو مُرڪ جو پل ٿيو زرد پِرڀات آ

دِلبرئو دِلبرئو دِل جو قِصو بہ ڇا موهيو مايا جڳت
ڪو تقدُس نہ آ ڪنهن بہ سڱ جو رهيو پيار ڇا بات آ

ساقيا ساقيا جام ڏي جام ڏي تئونس دِل جي مري
تون نہ ڄاڻي ڪتي جرِ ۾ جرڪي لُڇي ، شام برسات آ

ساحِرو ساحِرو سُوريون نئين سِر سجيون ڦُوڪيا گهاٽا گهٽا
پر ديوانن ڏِني خوف کي مُرڪ سان اڄ وري مات آ

بند در دريون نابين ليئا، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان
نيٽن جا اُجهاٽا سڀ ڏيئا، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

رنگين ڪفن ۾ ڪفنايل، ڪيڏو ته هُجوم آ ماڻهن جو
ٿا شهر ۾ ڇُرپُر ڪن لاشا ، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

ڪِرڻن تي ڪُفر جي تُهمت آ، جِهرڻن کي ڪيو سنگسار ويو
هر چونڪ تي ڦندا لڙڪن ٿا، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

محڪُوم رهي انسانُ هِتي، آواز خلق جو ڪونه هُجي
بي درد ننگر جي ريت اِها، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

جسمن جون بزارُون سجيل هِن، پٿر جي تِجارت شهر سڄو
اي چندر ڪٿي مان آئينا، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

توکي به وٽي تو آئينو، سينگار ڪان فُرصت ڪا نه اٿئي ،
گجرا هي ڪٽي مان ڦُولن جا، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

ٿي پهر ويا تنهنجي چوکٽ تي، خاموش هان بينو بُت جيان
تون ناهين تنهنجي ساٿ سوا، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

هي ڪوهه مريءَ جا ڏيک حسين، ڇُڙواڳ هوا جون سرگوشيون
ڪيڏو ته پري هِل گورک آ، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

هڪ شهر جي هڪڙي پاڙي ۾، رهندي به اجاٽو سڀ ’ساحر‘
هر ڏيک هزارين پاڇُولا، ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان

◈

بي انت ٽڏيون راُتيون، ڇُڙواڳ هوا جُهوٽا
احساس جي گهاٽي ۾، دِل جي آ ڪوملتا

هڪ نانءَ جي مالها ڪي، پڙهندي مون ڪتيون راُتيون
هڪ ڇهري ڪي اُٽندي بند ڏينهن جا ٽيا ڪاتا

ڪا دُولهہَ جي تُربت، ڪا ڄام نِندي جي آ
تاريخ جي ورقن تي پُرنور اٿئي ڪتبا

ٽِج ڪاڻ تون ڇاتيءَ سان ڇنبڙيل تہ آهين ٻچڙا
ٽِڄ آٽيان ڪِتّان سوچي، بُک پاهہ ٽيل ماتا

مجبُور مُهاڻن جا، بي ستِ بُکيا ٻالڪ
ٿا سوچن لهرُن ڪي، ڪنهن ڪاٽي نيئر پاتا

آ ڏُورُ پرين منهنجو، تنهنجو ٻہ نہ گهر ڪوئي
اڄُ چنڊ ٻئي گڏجي پنيورُ گُهمون سرتا

تون ناهين حياُتيءَ جو مقصدُ ئي ويو مٽجي
مون ڇين ڇڏي ڏُک جا، بنواس پرين ورتا

هڪ خيال جي رِم جِهم ۾ جل ٿل آ سفرُ ’ساحر‘
هڪ خواب جي خوشبوءِ ۾ مهڪيل ٿا رهن رستا

◈

بي چين رُوح ۾ ٽُٽل، سپنن جو رقصُ هو
پرکيو نہ تو نِگاهہ ۾، شيشن جو رقصُ هو.

مايوس ڇوري ٻار جان، ميريون عِمارتون
پُتلين جيان ئي شهر ۾، رستن جو رقصُ هو

دل جي قتل تي تو ڪيو برپا جشن پرين
محڪُوم قوم جان منهنجو، ٽانڊن تي رقصُ هو

آواز جي قتل سان گڏ، نچڻي مري وئي
رت جو ڦُڙو ڦُڙو لڳو، گُهنگُهرن جو رقصُ هو

هُٻڪار لال خُون جي، پکڙي ننگر ننگر،
مقتل ۾ رات ديس جي جوڌن جو رقصُ هو

آتش فشان هُيس پرين پنهنجي وجُود ۾
تنهنجي اکيان نصيب جي ليڪن جو رقصُ هو

تنهنجو اياز حُسين* مون، سپني ۾ هو ڏِٺو
جنهن جي قبر تي، باوضو فرشتن جو رقصُ هو

معنائون منهنجي شهر کان، جيئڻ جون گُم ٿِيون
’ساحر‘ گلين ۾ چؤ ڏسان، ڪتبن جو رقصُ هو

◈

* اياز جانيءَ جو فرزند جيڪو وقت کان پهرين مرجهائجي ويو

پلڪُون چُنيي تو سانت کي معنيٰ نئين ڏني
خاموش ڪائنات کي، معنيٰ نئين ڏني

پٽڪيا ٽي نيڻ ڳوٺ جا، نئين چنڊ جي پُٺيان
چوڙي پيجي تو جهات، کي معنيٰ نئين ڏني

پائي ڳراٽي هُن وڏي، ڳوڙها چُمي ڪلي
محبوب منهنجي مات، کي معنيٰ نئين ڏني

پنهنجي حِصي جو ڏئي ڳيو ٻالڪ يتيم کي
سائل ٽڪل حيات، کي معنيٰ نئين ڏني

زنجير سوني لاهي تو پيجري جو در پٽي
خوشبوءِ جي نجات، کي معنيٰ نئين ڏني

گُمنامين جي غار ۾، اُڇلي يزيد کي
اصغر جي اُڃ فرات، کي معنيٰ نئين ڏني

ڳهريا ٽي نيڻ سمُنڊ جا، جنهن جي ذِڪر سان ڪنهن
بارُود ڏئي سوات، کي معنيٰ نئين ڏني

ٻيڙي هلائي ريت تي، هڪ جُهونڙي ملاح
درياهه جي وفات، کي معنيٰ نئين ڏني

چيڪي مٽيءَ جي مهڪ کي ڏڙڪن جي تندُ تي
’ساحر‘ اُٽي تو ذات، کي معنيٰ نئين ڏني

◈

پنهنجي وجُود اندر، چُپ چُپ پُري رهيو آ
هڪڙو نفيسُ شاعرُ، پل پل جُهري رهيو آ

ديوانگي رُلي تي رستن جو شور اوڍي
قلندر نِگاهه ۾ ڪو منظر گُهمي رهيو آ

ويران مئڪدي جي، چوکٽ جي اوسي پاسي
موکي اجاڻ رمتو، پياسو رُلي رهيو آ

جوڳيءَ جي بين جهڙا، پُرسوز پيچرا هِن
نانگڻ جي رقص جهڙو، رستو لُڇي رهيو آ

تن جي تنبُور تي ڪنهن، چوريون نفيس چيچون
بيتاب رُوحُ منهنجو، رِم جِهم اُٿي رهيو آ

ريشم نِگاهه ڪنهن جي، پٿر ڪري تي پارس
لهجن جي ڪُن ۾ ڪو، بيڙو ٻُڏي رهيو آ

مون ۾ تي چوڙ هڪڙي، چنچل ندي ڪري ۽
منهنجو جلالُ ڪنهن جي، دم سان اُٿي رهيو آ

پنهنجي وجُود ۾ هڪ ارڏو پهاڙُ 'ساحر'
سُورج مُکيءَ جان تنهنجي سامهون جُهڪي رهيوآ.

◈

اجا ٿي مُڪڙين تي ماڪ مُرڪي,اجا آ ميندي هُڳاءُ جانان
اجا تہ پيئان ٿو چنڊ هيٺيان,اجا آ چِت ۾ چِٽاءُ جانان

اجا تہ نيرو وِشال امبرُ اکين جي آٿت جو آهي محور
اجا تہ همدم آ ذات ديوي, اجا قلم آهي ياءُ جانان

اجا گهڙي جا, هي چِت سُهٽي, ڇِڪن ٿا منهنجي خيال ڏوري
اجا ڏِسان ٿو مان تنهنجي ڪاڏيءَ,مٿان جو تِر جو جڙاءُ جانان

اجا تہ دِل ۾ ڦُٽي ٿو جِهرٽو ڪنهين جي نرگس نِگاهہ ڪڄندي
اجا تہ دِل جي وِشال ڌرتي آ رِم جِهمن جو رچاءُ جانان

اجا تہ اکڙيون اُٿل اُٿل هِن,اجا آ جل ٿل ندي نظر جي
اجا گُلابن جي آ سُڇاٽپ, اجا حُسن سان آ نِپاءُ جانان

اجا سمندر تي شام ويلي, اکين ڏِياتيون ڏِسن ٿيون گهوري
اجا ڇيهاتيون ڇپن ڇپن جون, پسن ٿيون دِل ۾ حياءُ جانان

اجا وُني جي ٻنل هوا ۾ ڇڳن ۾ ڇيڇون ڦِرن ٿيون تنهنجون
اجا بِرهہ جي پلن ۾ تنهنجو اُهو آ ڪومل سُڀاءُ جانان

اجا صُراحي نہ سير ڇپ جي,اجا نہ ڪاڪُل هٽاءِ مُک تان
اجا آ تنهنجي ڪکر اکين ۾ مشعل مشعل جو نُماءُ جانان

اجا تہ ڪُونجن جي گُونج ساحر گسن تي ڏيئن جيان ٿي جرڪي
اجا آ تنهنجي نفيس تن جو بِرهہ پلن تي جُهڪاءُ جانان

◈

تنهنجي پيشانيءَ تي منهنجون آڱريون سڙنديون رهيون.
۽ ڳلن تي زندگيءَ جون ، بي وسيون سڙنديون رهيون.

ڪنڊُ ڪو ڪومل نہ مليو، زندگيءَ جي رُڃ ۾
ڪنهن پٿر ڪي پاڻ ارپي، آرسيون سڙنديون رهيون

رات پر برسيا ها بادل مست ٿي، درياهہ ويا
رُوح منهنجي جون اُڃاريون، ٽڪريون سڙنديون رهيون.

محفلُن ڪي رونقُن جون رِم جِهمون ڏيئي جڏهن
گهر پُڄيون ناسُور ساري نرتڪيون سڙنديون رهيون

داستان پنهنجو ٻُڌايو، تو ڪنول جهڙي سڪي
منهنجي اندر ۾ اميدُن، جون اڪيون سڙنديون رهيون

چاندنين جي برف پگهري، رنگ مُرڪيا هر ننگر
بند محلاتُن ۾ ليڪن، ڇوڪريون سڙنديون رهنديون

گهاءَ سُبندي تو نہ گهرائي ڏني پر گهاءَ جي
تنهنجي ڇيڇن جي ڇُهڻ سان سپ وِٿيون سڙنديون رهيون

سانوٽين جا سيڪ پڙهيا ڪنهن نہ دِل جي ڪُنڊ مان
ڪنهن رديءَ جان، عُمر ساري دِلبريون سڙنديون رهيون

گيت جي آلاپ ’ساحر‘ درد جي ورلاپ ۾
چاهتُن جي تُربتُن تي سانوٽيون سڙنديون رهيون.

◈

تنهنجي دِل جي ڌڙڪنن جو گيت ٿيان خواهش هُئي
مان هُيس ڪچو گهڙو، تنهنجي بي رُخي بارش هُئي

هر دفعي گُذري ويس، گُونگي گليءَ مان بي خبر
ڪيرُ ڄاڻي خواهشُن جي، ڪيتري آتش هُئي

ڏينهنُ سارو سيڪيون، جاڳيل اکين جون مون لِڦُون
پل نہ جن تي پُورجڻ جي، رات ۾ بندش هُئي

ننڊ جي آغوش کان اڳُ، ياد جو جهرڻو ڦُٽو
چنڊُ ڳهريل ڳوٺُ ياسيو، مُند پڻ مئڪش هُئي

سمُنڊ جي ڪنهن زِلزلي جان، دِل ڏُڏي اڪڙيون پِنيون
ڳيت ٿي پل ۾ اجل جو، هڪ حسين ڪاوش هُئي

تنهنجي ياڪُر کان جُدا ٿي، ساهُ مون چاهيو ڪٽڻ
رات اِن ئي ڳالهہ تان ٿي، پاڻ ۾ رنجش هُئي

دير تائين ٻارڙيءَ کي، گنڊ ۾ ڏسندو رهيُس
ڪنهن جي دِل جو ڳجُ هُئي جا ، چنڊ کي لرزش هُئي

ٻن اکين جان ، ڏيک هڪڙي ۾ مِلياسين مُرڪندي
ٻن ڪِنارن جان جُدائي، وقت جي گردش هُئي

مون پِتائيءَ جون سِتون جُهونگاريون ’ساحر‘ پئي
شام تنهنجي سُرمئي، نيڻن جيان دِلڪش هُئي

◈

تو ڪِلي مقتل سجايو رات هو
مون اڏيءَ تي مُسڪرايو رات هو

پاپ سڀ ڌوپي ويا، پڇتاءَ ۾
باوضُو لُڙڪن ٻڌايو رات هو

پاڻ مون زنجير پاتا پيار جا
تو اِشارن تي نچايو رات هو

مون ڇُهڻ چاهيو جڏهن آڪاس تو
خاڪ ۾ مون کي مِلايو رات هو

درد جي ميراثِ ڏيئي دِلرُبا
لهر کي درياهه ٻڌايو رات هو

ڪيترا ها، رُوپ تنهنجا بيوسي
حيرتُن ۾ چندُ آيو رات هو

گيت ٿي دِل جي گلي گُونجي پئي
تو جڏهن پيي گُنگُنايو رات هو

پنهنجي تڙپڻ تي نہ مان روئي سگهيُس
وقت ’ساحر‘ آزمايو رات هو

◈

تو ڪنگڻ جي اڏ ۾ مهتابُ ڏِٺو جانان
مون چنڊ جي چوڙين ۾ کي بيتابُ ڏِٺو جانان

پيرن جي ريشم سان تو ڊنڊ جي پاڻيءَ کي
هڪ شام ڇُهي پل ۾ سيلابُ ڏِٺو جانان

مُسڪان جي سرگم سان دِل پئونر ڪري منهنجي
منظر پوءِ نِگاهن جو سُرخابُ ڏِٺو جانان

تو نيل ڪنول اکڙيون سُرمي سان پرڻايون
مون رِم جِهم هو دِل جو تالابُ ڏِٺو جانان

هڪ پيڙ ۾ پُرزا ٿيو هو ساٿ جو ڪنگڻ پوءِ
مهتاب نہ اکڙين هو نايابُ ڏِٺو جانان

لوهارُ ڪيو مون کي حالات جي گردش تو
حيرت جي جزيري جان هر بابُ ڏِٺو جانان

تون مون ۾ تلاشين ٿي ساحل جون سرگوشيون
مون تو ۾ هميشہ ئي گردابُ ڏِٺو جانان

فُرصت جي هُجئي ’ساحر‘ تڪميل ڪري اُن جي
لهرُن تي اڌُورو جو هو خوابُ ڏِٺو جانان

◈

تو هوا ۾ رات چوڙي وار ڦهلائي ڇڏيا
سر فروشن جي گسن تي ڄار ڦهلائي ڇڏيا

يار جي ڀاڪُر ڪان ٻيٺي، دِل فريبي دار جي
عاشقيءَ ڪيڏا عجب، اسرار ڦهلائي ڇڏيا

ماءُ جي آلين اکين ۽ يار جي چُميل چپن
زندگي منهنجي مٿان ڪي، بار ڦهلائي ڇڏيا

مان بہ گهائل، ٻير ڪٽندو، مُرڪندو آيسُ پئي
تو بہ ساڳيا پيچرن تي خار ڦهلائي ڇڏيا

هر مُنافق دور ۾ فتويٰ فروشي اوج تي
ڳل ڳڀيا، شهر قاضيءَ دار ڦهلائي ڇڏيا

دِلرُبا ڏاڍي ڪنن آ، زندگي ڏرتيءَ سواءِ
بانسريءَ ڪچي اڱڻ جا، پار ڦهلائي ڇڏيا

مونٽڙيءَ جي ٿان وانگي، مان هُيس ويڙهيو پيو
رنگ تنهنجي پيار جا، مٽيار ڦهلائي ڇڏيا

ڪنهن ڪُنواري ڪُونج جان، پرواز تي پنبڻيون هُيون
تو چپن تي باحيا، رُخسار ڦهلائي ڇڏيا

بي حِسي سستي تي ’ساحر‘ پيڙ آ بازار ۾
وقت مُنڪر معتبر، ڪِردار ڦهلائي ڇڏيا

◈

توسان پُڇي نہ ٿو سگهان، ڪائنر تہ پوءِ مان،
ايڏو خصيصُ ناهيان، ڪمزور سان وڙهان.

اُيران ٿي ڪنهن جي ذات ۾ اُميد جي ڪِرڻ
ترسو تہ غم حيات جو ڪُندن ڪري وٺان.

چوڏار بند چوڪيون، انڌي سماج جون
جُگنو سپئي وري ويا، تنهنجي گليءَ منجهان.

پاڪُر تہ ڪر ڊِلو سکي، ٻُوساٽ ٿي ٿئي
آزاد ساهہ جو سُڳنڌُ ، ٽورو وٺي ڏِسان

انسان جو نہ آجپو جنهن ۾ ذرو هُجي
اهڙي مان ويڙهہ دوستو چالاءِ جوٽيان.

پرجان نہ ايسين جام ۾ موکي وري شراب
رستو ٽُپائي ٻار کي جيسين نہ مان اچان

دستار جا ٿي ور ڏئي، رهزن جي سِر تي جا
اُن قوم جي مان سمجهہ تي کهڙي ميار ڏيان

فولادي جگر آهِ ، تون ٻارڻ ڏي آڳ کي
پورُو پِٽر تہ ناهيان، برساتِ کان ڊِڄان.

خاموش ڪنهن نديءَ جيان، ’ساحر‘ جو آ سُپاءُ
ڇيڙيو نہ هُن جي سرڪشي، سيلابُ ٿئي متان.

◈

چريا چوڪر، ٽڏو چشمو ڪچو رستو اُتي ئي آ
جو وڻ جي ڇانو ۾ ڇڏيئي، تنهنجو پاڇو اُتي ئي آ

ٽري لوڪ گيت جهڙي شام، مُقدس آ اڃا تائين
خُدا جيئن مهربان وڻ سو، اڃا ساڳيو اُتي ئي آ

اڃا شبنم جي آهٽ تي، پِڇن ٽا نيڻ موتئي جا
اڃا خوشبوءِ جهروڪي جان، ڪُليل جُهوٽو اُتي ئي آ

پيڳل چُوڙيءَ جي آڪاٽي، مروٽيل ٻانهن جو قصو
ڪنهين ڪي ساه ارپڻ جو، اڃا لمحو اُتي ئي آ

ٽُري ڪانا سي جُوئر جا، چپاٽن ٽيون اڃا سڪيون
چپن ڪي چاه سان چُهندڙ حياءَ ٻُولو اُتي ئي آ

پره جي ويل پنڇين ڪان، اڳي ٽا جنڊ جُتجن ۾
مکڻ ماٽيون لسيون گهاٽيون، ٻاجهر ڏوڏو اُتي ئي آ

شهر جي شور ۾ خُود کي، تِياڳين تون آهي بهتر
وري هل ڳوٺ پنهنجي دِل، تنهنجو ورثو اُتي ئي آ

جو تنهنجي سيِ مِزاجن ۾ ادائن جو آ پاڇُولو
پِٽُن جي پر ڇڏيئي ’ساحر‘، ڪچو جُهوپو اُتي ئي آ

◈

چنڊُ هُيو يا جهيل ۾ تنهنجو عڪسُ هُيو
رات انوکو فِطرت ڇيڙيو رقصُ هُيو

هٿُ هوا ۾ مينديءَ رتڙو ايئن لُڏيو
پٿر کي جيئن شيشي تي پيو ترسُ هُيو

پاپ ۾ پليل ڪوجهي، ڳاڙهي بازر ۾
درد سُڃاڻڻ جو مون پڙهيو درسُ هُيو

ريت جا ذرڙا هُن اکين مان برسايا
رات ڏِٺو مون درياهه جهڙو شخصُ هُيو

لائون ڪُراڙي ور هون جنهن سان رات لڏيون
ڏاج ۾ تنهن جي رانديڪن جو پرسُ هُيو

ڪنهن هُئي پُراڻي ڪنڊر جا آثار مڙهي
دِل ۾ دفن پر تنهنجي سورهون برسُ هُيو

قوم گُروپن ۾ هُئي وِرڇي وِکري وئي
چارڏسائون بربادين جو چرسُ هُيو

لوهه ڪڙيون يا سونا ڪنگڻ آٿي ها،
مون تہ ڏِٺو سڀ حقُ ئي ’ساحر‘ ڳرس هُيو

◈

خاموشيون نہ اوڊيو، ڪتبا نہ ٽيو قبر جا
نيشان ڪجھ تہ ڇڏيو، پويان ڏکي سفر جا

پڇري ۾ رڪندا ناهيون، ڪنهن جي بہ آڃپي ڪي
قائِل اسين نہ آهيون، ڪمزور تي جبُر جا

ايندو اگر مسيحا، مصلُوب اڄ بہ ٿيندو،
ڪوڙهيو سماج ساڳيو، جاهل ڏٺي شهر جا

ڪاغذ جي ويس ۾ تون، ڳالهيون نہ ڪر ڪُنن جون
ڪچن رنگن سان ناهن، گهر ڳولبا ڪکر جا

رنگين پيچرا هِن، چاهت جا دوست ليڪن
راُتيون سيئي رُداليون، ۽ ڏينهن ڪُل قهر جا

ڪولهڻ جي هٿ لِقن تي، ميڙو آ پوپٽن جو
موتين جيان ٻرن ٿا، ڳل تي ڦُڙا پگهر جا

جِهرٽا ڦُٽي پيا هِن دِل جي اُداس رِڻ تي
نهتي نِگاھ ڳهريا جُهوپا ڪلاش ٽر جا

’ساحر‘ اُهو ئي پِياسو درياهُ آ ازل کان
جل ٿل ها ڪيئي پيرا رستا ٿيا ڪير ٽر جا.

◈

خواھشن جو ٿياسُ ھو منھنجا پرين.
سمُنڊ دِل جي پِياس ھو منھنجا پرين.

نِنڊ ڪنھن نخريل جو ماٽو ھُئي
بِسترو بنواسُ ھو منھنجا پرين.

زندگي ھئي ڪنھن پِڪارڻ جون اکيون،
دردُ ئي ميراثُ ھو منھنجا پرين.

سوڳ جو نيرو وڳو ھئي ڪائنات،
پيار جو اِتھاسُ ھو منھنجا پرين.

رات ھئي يا ڪنھن پِنجاري جي اڏي
ھرڪو پل ٻي قياسُ ھو منھنجا پرين.

ڍيرُ ھو بارُود جو چڙ جنھن مٿان،
پل نہ ڪو آساسُ ھو منھنجا پرين.

ھڪ عجب خوشبوءِ ھئي ماحول ۾،
تنھنجو ئي احساسُ ھو منھجا پرين.

پير اُڪڙيا پوڻ تان منھنجا جڏھن،
اوپرو آڪاسُ ھو منھنجا پرين.

مُرڪ جي ’ساحر‘ اِھا معنیٰ ھئي،
زھر ۾ ميٺاسُ ھو منھنجا پرين.

◈

خوشبوءِ جي کماڻيءَ مان، گُل گُل جو گذرُ ٿيندو
بدنام جي ٿيندس مان، تنھنجو بہ ذِڪرُ ٿيندو

گھُنگھُرن جي ڇڻ ڇڻ ۾، پازيب جي سرگم کي
ڪنھن ريت وِسارڻ جو، مون کان نہ جبرُ ٿيندو

اِظھار تي بندش آ، مدھوش جوانيءَ کان
پُرجوش فِضائن ۾، ڪنھن ريت صبرُ ايندو

ٻيجل جي تند جھڙي، ھِن رات ۾ تو سائنڻ
سُر سان نہ ملايو سُر، ھر جذبو ٽرُ ٿيندو

مايوس نِگاھن ۾، ير چنچلتا چنچل
سُرھاڻ جي بارش ۾، ھُٻڪار ننگرُ ٿيندو

آلاپِ نہ غم دِل جا، تون گيت جي پردي ۾
مون ڇيڙيو سُر سارنگ، سيلاب شھرُ ٿيندو

چانڊاڻ جي چڳ چڳ مان، اُڀرن ٿيون نيون نينديون
تو ماڪ جان موتين کي، چُميو نہ قھرُ ٿيندو

درياھ تون ظُلمن جو، سھپُن جو سمندر مان
ڪنھن ڏينھن دٻيل لائو، شعلن جو ڪڪرُ ٿيندو

ويساھ وچايل جو، جيئڻ بہ ڪھڙو ’ساحر‘
ضمير جي گھاٽي ۾، پل پل پيو پگھرُ ٿيندو

◈

خوشبوءِ جهڙو پاڪُ فرشتو مِٽي تاڻي ليٽي پيو
بي ترتيب حياُتيءَ جا ڪُجهہ لمحا واٽي ليٽي پيو

شور جي جهنگُل ، چين نهوڙيس، ڪاڏُس اندر خاموشين
پوڙهو اوڍي موت رضائي، شام جي ٽاڻي ليٽي پيو

لال ڪُنوار جو ور ٽيڏو هو پِستانن ۾ ڪيرُ چڏي
ماءُ جو سينو چاقِ ڪري اڄ، ڇو ربُ جاڻي ليٽي پيو

ڏُور سفر تان آيو چندُ هو رات اسان جي آڱر ۾
بادل مليُس نيري ڊنڊِ ۾، نورُ اُماڻي ليٽي پيو

ڪنهن بہ نہ جاتو شاعر پنهنجي اندر ۾ اِدراڪ هُيو
پوپٽ پڪڙي خواب اُڏائي ديپڪ ماڻي ليٽي پيو

ڪالھ پکين جي ٻولين جو هو محورُ مرڪز دِلبر جو
ٻير جو وڻُ سو ڇانو لُٽائي، جوڀن ڇاڻي ليٽي پيو

ڏينهُن سڄو هُن لُڪ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو هو وِک وِک تي
دوست پُراڻو پاڇو منهنجو سڄَ اُجهاڻي ليٽي پيو

هُن ڪي پنهنجي پورهيت ماءُ جي، زخمن جو تي عِلاج ڪتو
پيڙي هر هڪ لمحو پنهنجو ٽڪجي هاڻي ليٽي پيو

ديپ اُجهائي، نيڻ جلائي، دُکيو تي سِگريٽ جيان
پن ڇڻ موسم ساحر ماڻي درد جي ڀاڻي ليٽي پيو

◈

خُون اوڳاڇي سج مري ويو، ذرديون اُلٽيون چنڊ ڪيون
وڻجارن سان ڪيڏيون تعديون، ماندا تنهنجي منڊ ڪيون

وقتُ ٽيو آ سٽيي ماني، آ نہ نڙيءَ جي ڳيت بٽي
پينُون ٻالِڪ اوبر يت تون، آڻ تہ گڏجي ونڊ ڪيون

آويءَ مان هُئي پڃري آئي، پڪو عِشقُ ڪُنيارڻ جو هو
ڪوري گهاگهر شهر اُمائي، نيڪ نِگاهون ڪنڊ ڪيون

پاتِ نہ پلٽي لپ اٿي جي، ڪوهيارو جيئن لحد لٿو
چڻگ نہ ڪا ڦُلهار ۾ چمڪي، سپنا ڪيئن سر ڪنڊ ڪيون

آرائڻ جون چاُٽيون چِليون، خوشبُوءِ پوپٽ رنگ رُنا
مُردارن جون لُبيل لوبون، پوتر ڪو نہ سمُنڊ ڪيون

ايئن ڪنول جي عظمت پيلي، پوتارن جي پيٽ ۾ وئي
جيئن مُقدس شهر تي ڪاهون، گڏجي مُهذب گنڊ ڪيون

انگ ڀِڪڻ جي اڳڙين ڪارڻ، توپن ۾ آ نُورُ ڏِنو
باقي امڙ مان ست جون بوندون، چُوسي موجون جنڊ ڪيون

آنڌي هُئي يا سج گرهڻ هُئي، ساجهر هُئي سڪرات وتل
جُهڳيون لوڙهي ، ڪچيون پِٽيون، قبرُون درياهہ ڪنڊ ڪيون

تو بہ پڙهڻ اِتهاس کي ڇڏيو، شهرُ اڳي نابينو ’ساحر‘
ڪينجهر جون ڪستوري شامون زهريليون ڪنهن گهمنڊ ڪيون

◈

دربار ۾ تو دِلبريون واڙيون تماشبين
ڪومل ڪيون تو پنکڙيون ٻاڙيون تماشبين

ڪنهن جو اندر اُٻاڻڪو هوليءَ ڪري ڇڏيو
ريشم بدن تي ململي ساڙيون تماشبين

فنڪار جو ڪمالُ يا، قِصي ۾ درد هو
ٻُوندُون هُيون تو ڳل تي ڳاڙيون تماشبين

اوگهڙ گُناه آ چئي، فتويٰ فروش تو
پنهنجون شڪستون اصل ۾ پاڙيون تماشبين

پُوندو هُيون سماج جي اُجري لِباس تي
ڪچري جي ڍير جي مٿان ماڙيون تماشبين

پايل جي رِدم تي ڇُليا پيمانا پِياس جا
يادُن جون لٽيون جهيل تي، آڙيون تماشبين

پازيب چوڙي گهينگهرا، پيرن ۾ تو ٻڌي
چنچل ڇُنيون حياءَ جون ڦاڙيون تماشبين

پنهنجي وجُود ۾ سڙي فنڪارُ رک ٿيو
’ساحر‘ وڳيون هُجوم مان تاڙيون تماشبين

◈

دِلين جي ديس ڏي پيرا اکين ۾ چاهہ جو رستو
انوکو پنڌُ آ پيارا، عجب ويساهہ جو رستو

سنوارڻ جون سوين توکي سڏين ٿيون شاهراهون تو
پڙهيو آ کھڙي مکتب مان،فقط پيچ ڊاهہ جو رستو

ڳڙڻ ڏي لُڙڪ روڪيندي،چريا ناسُور ٿي پوندئي،
اٿئي بهتر سمندر تي، کُٽي درياهہ جو رستو.

اِجهو پُرنورُ صُبحن جا اکيون سيلاب ماٽيندِيون
اِجهو ئي انت تي پهتو انڌو اونداهہ جو رستو

خُمارن جي کٿي اوڍيل، ڏِسي سرگوشي پاڇي کئي
وڃين ٿو بي ڊپو ڪاڏي، وٺيو بيگاهہ جو رستو

ٿِشو پيپر جيان اُڇلي، ڇڏيئي ڪچرو مون ميڙيندڙ
يتيمن کان ورتو جانان، وري اُتساهہ جو رستو

نہ ياري چنڊ سان جن جي نہ رنگن سان ئي پنهنجائپ
ڪڏهن فِطرت جي ويرين ڇا لڌو الله جو رستو

زهر جي ڳيت امرتا ڏِني سُقراط کي "ساحر"
اسان پيي عِشق ۾ ڳوليو آ سچ ساڃاهہ جو رستو

◈

دکن جي ڏُوڙ مون چاٽي، موتين جو هارُ ماٽيو تو
تماشو چونڪ جو بڻيس، پهرين پٿر اُماٽيو تو

ڪُفرُ منهنجي کي ڪوزي مان، ڪڍي آفاقُ بخشيئي پر
گُناهن کي گلي لائي، نہ منهنجو سچُ سُڃاڻيو تو

اڇُوتن جان نظر تنهنجي ڪڇي هر مُند ۾ سائڻ
ڪڏهن وارن مان پاڻيءَ جان، ڏئي چنڊ کو نہ چاڻيو تو

هميشہ تو جوانيءَ کي سُڳنڌن جو سفر ڄاتو
ڪڏهن ڪو دردُ ۾ ساڻو ٽڪل پل هو نہ تاڻيو تو

رحل منهنجي نِگاهن جا، تنهنجي قدمن ۾ پکڙيل ها
چِني ڇيهون ڪري پل ۾، عُمر پر هو نہ واڻيو تو

ڀُڳو توکان نہ آٿت جو، اڌُوراڻو ڪڏهن اوڇڻ
سدا لهجن ڪڙهائيءَ ۾، مون کي محبُوب تاڻيو تو

ڏُکيون اُلڪن جي آويءَ ۾، عِبادت عِشق جون راتيون
صدائون ٿي سزا موتيون، نہ گُفتو ڪو وراڻيو تو

سُرن جي سانوڻين ”ساحر“، اُٿل ڪاڏي اندر ۾ پر
گُلابن جي هُڳائن ۾، پرين ٻيڙو پلاڻيو تو

◈

رات ٻيڙيءَ ۾ سُتي جو پاڻٽيءَ آرس پڳو
لهرُون تي سنگيت ڇِڙيون، راڳڻيءَ آرس پڳو

پارڪر جو سُورمو، سنبري هليو سينڌون هٽي
جهات چوٽري مان وجهي ڪنهن، ڪولهڻيءَ آرس پڳو

ميرُ هو ڪيڏو بدن ۾ ، ڪا گهڙي فُرصت نہ هُئي
گهاٽ تي چولي سٽيندي، ڌوٻڻيءَ، آرس پڳو

چنڊ پنهنجي ڪي چُميو تي ڪيرُ پياريندي امڻ
مور سان سنجوڳ ساري، مورڻيءَ آرس پڳو

خاڪِ ڪستوري اُڏاڻي ڳهريون ڳليون ڳوٺ جون
ساھ ٽڏڙن سان اڱڻ ۾ اوڏڻيءَ آرس پڳو

هيل سڪڻي سانوڻي، ويندي ڇا گُذري سانورا
بادلن ۾ چنڊُ لِڪيو، ڪامڻيءَ آرس پڳو

پيل تي ڪيڏي بدن جي، بي حيا بازار ۾
چير چوڙيندي ٽڪل هو ناچڻيءَ آرس پڳو

باک جي پُوري بدن سان، ويو هليو خوشبوءِ ڇڏي
بستري جا گُهنج چُهندي، موهڻيءَ آرس پڳو

جُهومڪن جي لوڏ ”ساحر“، هوڏ پلڙن سان ڪئي
گُل مُهر جي ڇانو ڇِرڪي، پدمڻيءَ آرس پڳو

◈

رات پِنل آ آءُ اڪيلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان
تون بہ وِڇورو دردن ميلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان

ڪنهن نہ گهڙي ڪن آڏت آڇي، ڇانو ڏتڏيءَ لئہ پڌڪي ساڏي
جيئن گهڙو دِل ڪوئي پيلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان

جام مٽان ٿو جام ڪي چاڙهيان، تو بن ٿاندن تي ٿو گهاريان
سوڪ جو سانوڻ رُج جو ريلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان

واڇوڙن جيان پاڻ ڪي روليان، وستيون واهڻ توکي ڳوليان
ڳُونگيون گليون ، وقتُ اويلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان

پاڳل سمجهي ڇيڙي دنيا، آءُ نِماڻو ڪنهن کي دانهيان
شهر ستمگر ۾ هان نويلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان

جُهڙ ڦُڙ جي جهانجهر ۾ پڄُران، ٽتل واريءَ وانگي اُڏران
سِپرينءَ سارون ٻرن ٻيلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان

رات ڪُتي تي مڏ خاني ۾، ڏينهُن لهي ٿو ويراني ۾
ڳهريل راُتيون ڳاٽ ڳهيلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان

مُرڪ ڇپن ڪان اوجهل مُومل، ’ساحر‘جڻ آ روجهہ اُڃايل
ڪُهنبي واري پنڌُ ٽريلو چنڊُ لِياڪا پائي جُهڙ مان

◈

رکي هوءَ قُول تُربت تي کٽڻ آ ساهہ ڀُلجي وئي
هُيس جي هٿ لڪيرُن تي، پڪا ويساهہ ڀُلجي وئي

سهيڙيس ڪنهن جو ٻانهُن ۾، ٽڙي تازي ڪنول وانگي
گلين جي خاڪ هُئي جيڪا، مِٽيءَ جا چاهہ ڀُلجي وئي

اِنهيءَ دِل تي نہ وڃ زاهد، فرشتا جنهن ۾ رهندا ها
ڪِري پستين ۾ اهڙي جو، عِبادت گاهہ ڀُلجي وئي

وري مُرشد جي آسڻ تان، ڪٽي تُهمت جي ذِلت جا
اُها وينگس سُڪائون ڇا، جيئڻ جي راهہ ڀُلجي وئي

شهر جي ريشمي ڇهرن ڏنگيس ڏينهُن جيان جڏهين
ٽتل آويءَ جا ڪنيارِڻ ٽِڪا آڙاهہ ڀُلجي وئي

پِرهہ جهڙا رويا ها، فقيرن سان بہ جوڳِڻ جا
ٻٽي آ ڪاڄُ ساڏُن جو تہ سڀ ساچاهہ ڀُلجي وئي

مليو تعمير جو تُحفو جڏهين هڪ ديواني ڪان
سِياٽي دِل آ تخريبون، ڪرڻ پيچ ڊاهہ ڀُلجي وئي

ٽڪن ۾ چُور تي ”ساحر“، ڇُهيو جيجل جي قدمن کي
حياتي تاس جو درياهہ نظر اوڙاهہ ڀُلجي وئي

◈

قبرن جا اخبار ۾ ڪتبا پڙهندو آهيان.
گهاءَ پراڻي جيئڻ مان جانان جُهرندو آهيان.

پڪڙيل هِن جلاد شهر جي گلين ۾،
مقتل جي سائي ۾ هلندو رهندو آهيان.

تنگ شهر جي آئون، ڪُشادي تُربت ۾
ساهن جون سرگوشيون چُپ چُپ ٻُڌندو آهيان

هيسيل هرڻيءَ جهڙي لڳين ٿي سرتي تون
آئون پيي خرگوش جيان ئي جيئندو آهيان

هاڻ رُڳو تدفين جون رسمون باقي هِن
کهڙو مان جيئرن ۾ شامل هوندو آهيان

ٻُکيا ٻار ڏِسي مان گنبذ جي ڍير مٿان
بيواهه جي چوڙين جان تنهن پل ٽُٽندو آهيان

تون بہ نظر جي خنجر سان آن زخمي ٿيندي
لهجن جي گندرف تي وِک وِک هلندو آهيان

گورڪنن جي روزي ڪُشادي ٿي آ ’ساحر‘
آئون ڪفن جا ٿان اڏيءَ تي اُٽندو آهيان

◈

سارين جي هُٻڪار ۾ واسيل، لاڙ ۾ گهاريل کُهنبي شام
جڙڻ تہ نئين ساماڻي وينگس، جي آ بدن سان وهنتي شام

فِطرت جي سڀ رعنائين جو تنهنجن نيڻن منجهه نچوڙُ
ڪوري چال اُمايئي چِرڪي، هرڻيءَ جي دِل مُشڪي شام

بادل وارن سان پل اُلجهيو آيون تنهنجون چيچُون ياد
سرمئي سار جو چولو پائي، ڪوهه مريءَ جي نِڪري شام

ڪنڌُ اسان جو ڪيرُ ڪپي پل، موکي پنهنجا منڙا کول
اوتِ ازل جو آءُ اُجون هان، نينڊون نينڊون نِڪتي شام

گاهه پريءَ سان ڊيل متي ٿي، دِل ئي دِل ۾ مُرڪي مور
گوريءَ گج تي عڪس شفق جا، چُنريءَ مان ٿي اُپري شام

چارو آ يا هيٺ پهاڙيءَ، تان ٿو سِرڪي پُورو نانگُ
ديواني جي خواب جيان آ، گورک هِل جي ناسي شام

آلي واريءَ تي ڦيريندي، هنڙا جان ٿيو محسُوس
تنهنجي زُلفن سان ڪيچل ۾، منهنجي چنچل گُذري شام

رات سوات جي نريل "ساحر"، رڳ رڳ ۾ پر رقصان سِنڌ
ٿورو اڳ آ پهاڙن تان تِرڪي، وکري ويئي سُنهري شام

◈

سامهون حسين واديون، رستو آ ڪهڪشان
خُوشبوءِ ڪئي آ آجيان، گُذران ٿو مان جِتان

ڇهري تان ڇڳ هٽائي تو، پلڪُون ڪنيون جڏهن
مُڪڙيءَ تان ڀئونر هو اُڏيو، سرتي حِجاب مان

تارا ڇُهڻ جي آس تي، آرس ڀڃي اُٿي
ٻانهُن ۾ تنهنجي آهيان، سِپ ۾ رتن جيان

سوچيان ٿو تنهنجي سونهن جون، مهتابيون جڏهن
پنهنجو وجُود ڪي گهڙيون، پائي نہ ٿو سگهان

ليٽي آن منهنجي هنج ۾، پنهنجو تون سر رکيو
ٻيڙي وجي ٿي ترڪندي، لهرُن تان جانِ جان

پهري آ رات ميل جي، سنجوڳ آ نئون
تنهنجي بہ سُونهن اڻ ڇُهي، منهنجي بہ دِل جوان

ڪومل بدن جي پيل ڪان، ٽڪجان تہ پوپري
چمپا ڇڳُن جي ڇانو ۾، ٽورو ئي ٽڪ ڀچان

پهلُوءَ ۾ منهنجي شام ڪي، تو الوِداع ڪيو
تنهنجي بدن تان باک جا موتي ٿو مان چُمان

’ساحر‘ ڪي تنهنجي لوڏ هو ڪامڻ ڪکي چڏيو
جوڳڻ مان تنهنجي جهاڙ سان، فيضياب ٿو ٿيان

◈

سانوريءَ جا جڏهن انگ آلا ڪيا، وڏ ڦُڙي دوستو
رنگ منهنجي نظر ۾ نِکاريا نوان، گج پڙي دوستو

چندُ ڪنهن جي اڱڻ جو، ٻُڏڻ تي هُيو زندگي آ ڏني
گند جي ڍير تي ، هڪڙي باسي سُڪل، روٽڙي دوستو

اوچي محلات ۾ پٿرن جي وچان منهنجو دمُ تي گُهٽيو
تازگيءَ جو ڏنو، مون کي احساس آ، جُهوپڙي دوستو

مون مريءَ جي گلين ۾ تلاشيون پئي ، سِنڌ جون سُوکڙيون
ياد پنهنجي مِٽيءَ جي، ڏِياري چڏي، مونڙي دوستو

ڪير هُئي اپسرا ڪُونج ڳيچي ڪٽي، چال هرٽي ڏئي
منهنجون رولاڪيون ، مُرڪ جي منڊ ۾ وئي جڙي دوستو

باوضُو هو بدن ، جنهن کي سجدا ڪيا ، فرشتن ها جُهڪي
پيار جي نانءَ تي، تنهن جي عِزت لُٽي بي وڙي دوستو

شهر بي پير ۾ بي وسين جون پريون ڍوٽيون ٽيون پون
شل نہ ڪنهن جي نظر، ڪنهن جي قاتل نظر سان اڙي دوستو

پنهنجي تهذيب کي، پونءِ پاڳن پري، سُهٽو درياهہ آ
تون نہ پُلجان ڪڏهن شام وڃندي چيو، چنگ چڙي دوستو

هُن کي وچٽو هُيو مُرڪ "ساحر" ڪٽي، نيڻ آلا چڏي
رُوح رهڙيو پئي، مون نِهاريو جڏهن در ڪڙي دوستو

◈

سج مان نُور جا، آءُ پاڇي کٽا، ڇاڻ هاريا اِجهو
واءُ جي ڇُهاءَ تي، پيير تنهنجا پرين ، لهر ساريا اِجهو

ڪنهن ٿي ڄاتو تہ موڪيءَ جي نيڻن اندر نُور هو يا نشو
جنهن کي ماٽي عدم جا مُسافر ٿيا ، هي متارا اِجهو

ڪير آ، اپسرا مان نہ ڄاڻا مگر ، منهنجي دِل تي ڇوي
موڙ مُڙندي چِتا، ڇيڇون ڪنگي ڪري، هُن سنواريا اِجهو

ڇير جيئن ئي ڇڄي، ڏينهن جي گينگهرا، ٿيا شفق جو حصو
شام گهاگهر منجهان، جام ڪنهن رات جا، مونکي پياريا اِجهو

پنهنجي تهذيب جي دار تي ويا چڙهي، ڏئي وفا جو سبقُ
چار ديوانا تنهنجي مٿان سنڌڙي هاڻ واريا اِجهو

مُند وِڇڙي وڃڻ جي ڊِگهي آ مگر ، ميل ٿيندو ڪڏهن
برف ڳرندي پکي ساري پنهنجو وطن بس پڌاريا اِجهو

ڪنهن جي سپنن ۾ ويني ٻُڏيو ٿي وڃين سانوري بانوري
ڪنهن جي گُمنام يادُن جي مندر ۾ تو ڏيئا ٻاريا اِجهو

مُند گهنگهور تي سپ ترايون اُٿل ۾ اچا تو گجي
تنگ گليون ڇڏي پنهنجا ٽريا ننگر، سِڪ واريا اِجهو

هُو تہ 'ساحر' هُيو سانت جي سمُنڊ مان جنهن تي ماڻڪ ڇُڄيا
هي تہ سيلاني آ ڪولي ديوان، جنهن پل پساريا اِجهو

◈

سِرجيون سُونهن سرير منجهان ڪي سرگم جون موجُون
تان پُوري جان وڃيو تن تي، هٿ جو ڦيريا مون

رات سِتارن چنڊ ڪڪر ۾، نبريو سو نہ خيالُ
وار لُڏيا ٽي وينگس جا يا، نانگڻ جون اُلرُون

چنڊُ بہ پنهنجو عڪسُ پسي، مدهوش ٿيو تنهن پل
جهيل ۾ جنهن پل گوريءَ، وهنجي نورُ ڪيون لهرُون

ڏڙڪن ڏڙڪن ساڻ مِلي وئي، نيڻن ياڪي نيڻ
ولهہ ۾ ويهي چنڊُ تڪيوسين،ڇرڪيون چانڊوڪيون

هوريان هوريان جيئن ڪو بادل، تارن ڪان وڇڙي
منهنجي چپ چُهڻ تي وينگس، ڪوليون ايئن اکڙيون

هلڪي هلڪي بُوند وُٺي هُئي، رات گُلابن تي
موهيڙا دربان هُيا يا، سونهن مٿان چوڪيون

ساحل تي اوڳاڇي ڇڏيا سِپن ها ماڻڪَ
باک ڦُٽيءَ يا برسيون گُل تي شبنم جون بُوندُون

هاءِ سِياهہ نِقاب مان ٻريا، ڏيئا جاڙا نيڻ
هٿ رحل جان دُعا ۾ جهليل، چپ ڏاڙهونءَ ڦاڪُون

اوڍي ساري رات ڪمبل جيان، ساجن ڪي ’ساحر‘
ساهہ جي هلڪي آڳ مٿان، سيڪيون مون سرديون

◈

سمجهي ويو تحرير هان دِل جي ڇهري مان
ڇاڻين تي ڇو پيلا پن تون لهجي مان

اڻ پُوري تعمير رهي آ جيون جي
نيڻ نہ رڄيا پيار جي جل ٿل سپني مان

اوجاڳن جي اڻ ڪُٿ صحرا ڦهليل آ
چين جو بادل ٿو نہ متي دِل رستي مان

ڳوڙها ئي انجام هميشہ چاهت جو
درد جي ملندئي ورچ وفا جي ورثي مان

توکي ڇو ارهائي تي محسوس ٿئي
ڪافر کي گر فيض ملي ٿو ڪعبي مان

خالي گهر ۾ خاموشين جي عيد اٿئي
ڇا تي ڳولين لُٽيل دِل جي ملبي مان

سج جا ڪهڙا ڪچي رنگ سان يارانا
نڪري اڄ تون پيار جي دِلڪش دوکي مان

نا مُمڪن پاڻيءَ مان "ساحر" مکڻ ٿئي
گُذري ڏِس پٿر جي ڪڏهين ويڙهي مان

◈

سِنڌ ڏِسندي رهي، عاشقيون ٿي ٻريون
بند زِندان ۾ دِلبريون ٿي ٻريون

خواب ڏِسندي وهي، گُهنج آئي ڪٽي
بي وسين بند ۾ ڇوڪريون ٿي ٻريون

تو تماشو ڏِسي، بند ڳِڙڪي ڪئي
رقص ۾ مست جون، بي وسيون ٿي ٻريون

راس آيون اسان کي، انڌيريون گليون
ڏُورُ ٿورو نيون، چانڊنيون ٿي ٻريون

شهرُ اهڙو ٻه هو جنهن ۾ هر شام جو
ڇير ڇمڪار تي جل پريون ٿي ٻريون

تو نہ پردو هٽائي گليءَ ۾ ڏِٺو
تنهنجون سائڻ ستيون ساهيڙيون ٿي ٻريون

تو بِنا زندگي ڪيئن، گُذري نہ پُڇُ
ڏينهن ڏينهُو هُيا، راتڙيون ٿي ٻريون

عڪس ڌُنڌُلا ٿيا شام جي سينڌ جا
رات گهنگهور ۾ سانيرُون ٿي ٻريون

چنڊُ تنهنجي ڇپن مان چڙهيو چوٽ جو
منهنجي نيڻن اندر ساحريون ٿي ٻريون

◈

سُونهن جو اڻ کُٽ خزانو چار شوري ۾ پرين
هِڪ انوکو آ زمانو چار شوري ۾ پرين

سؤ شمعون سؤ پتنگا، کوڙ مُکڙيون کوڙ پيئونر
کيڏو سهڻُو آ فسانو چار شوري ۾ پرين

ٽيڙ کائن ٽيون جوانيون، سُونهن جون سُرکون پري
هر نظر آ مڌُ خانو چار شوري ۾ پرين

شام جي چپڙن تي سُرخي، کنهن جي مُرکن جو کمالُ
نيڻ سپنن آستانو چار شوري ۾ پرين

کنهن جي ٺهڪن جو ترنم ، کنهن جي قدمن جي پشم
رُوح آ رِم جِهم روزانو چار شوري ۾ پرين

نينهن جا نيئر وِجهي تو رول پايون روکيون
مون اڏيو آ آشيانو چار شوري ۾ پرين

کير کنهن جي جستجوءَ ۾، پاڻ کي پُلجي وئي
کيرُ کنهن جو آ ديوانو چار شوري ۾ پرين

چؤ ڏسان ڊيلُن جون ٽوليون، رقص ”ساحر“ مور جا
زندگي چنچل ترانو چار شوري ۾ پرين

◈

شهر جو تو گنڙُ وهائي نديءَ ۾
گويا آبِ ڪوثر گڏيو گندگيءَ ۾

پري چرڪ حيرانين ۾ ٻُڏي ويو
پسيو عڪسُ پنهنجو چندرما دريءَ ۾

ڏِسي پنهنجو درپن خُدا کي پُلي وئي
نشو بي خُودين جو هُيو آرسيءَ ۾

سُڪل لام تي هُن نگاهون کُپايون،
ٻہ ٽي وار مُرڪيا، اچا جو ڪنگيءَ ۾

اَڏي نيڻ پوپٽ اچي هُن تي وينا
اچا تازگي آ گُلن جي مڙهيءَ ۾

نہ مذهب نہ مسلڪ پُڇي نسل ڪنهن کان
ڪُشادا دِلي آهہ سِنڌ جي مِٽيءَ ۾

شهادت جو رُتبو تہ ماڻيو مُجاهد
وجهي ڏار ويو پر ٻُڌاپي چڙهيءَ ۾

اَڏاڻا پتنگا وجن ٽا هي ”ساحر“
ٻري هوندي شمع ڪکائين جُهڳيءَ ۾

◈

ڪُنڊ ۾ تنها پيو هان، ڪچي مِٽيءَ جي گهڙي جان
تون رکي پُلجي وئي آن، وقت سُهڻي بي وڙي جان

مور جي رڙين اُجارو، آسمان جُهڙ ڦُڙ ڪيو هو
مون مِٽيءَ جي مهڪ اوڍي، رات ڪچي ڳوٺڙي جان

زندگيءَ جي پيچرن تي، پيار تنهنجو وڻ اهڙي
جيئن اُجهيل نيڻن سان ٻالڪ، چنڊُ سمجهي روٽڙي جان

منهنجا سپنا باز جي، چنبي ۾ ڪنهن پنڇي جيان ۽
آس ڪولهڻ جي بدن تي، لِيڙُون لِيڙُون چولڙي جان

مون ٻُڏيون ٽر جي پٽُن تي، آهٽون برسات جون تي
نيڻ منهنجا رات مُرڪيا، ڪنهن ڪڪائين جُهوپڙي جان

شل نہ ٿئي اِتهاس ۾ هي، ٻولي ماضيءَ جي ڪهاڻي
لوڪ گيتن ۾ ئي ڳايون، سِنڌُو درياهہ هاڪڙي جان

ڪنهن نپُوڙي سُونهن سِنڌ جي، چيخ جهڙي چاندني آ
دلربايون ديسَ جون ٿيون پاسجن ڪنهن سوڪڙي جان

رات مون نٿيا گليءَ ۾، سانت کي پيتو ٿي "ساحر"
سِنڌ جو ڪنهن نانءُ ورتو، ڏيک ڪُليا مونڙي جان

◈

گُذرياسين جڏهن پيي مندر کان، هڪ بي حِس مورت ياد پئي
معصُوم نگاهن جي پوپان، بي درد آ سِيرت ياد پئي

ڪلهه جهيل ڪنڌيءَ تي ويجهو ها، ويئل ٻه ڏنا مون پاڇولا
هو رُوح جذيرو ڇرڪي پيو، وِڇڙڻ جي قيامت ياد پئي

هيڏانهن سُهانا خواب لُٽيا، هوڏانهن جواني وِڪري وئي
بي انت رولاڪيون اربيون جنهن، ڪافر سا صُورت ياد پئي

بي درد شهر جي گلين ۾، مان نوڪر ٻٽيُس پٽر جان
واهڻ جي هڪڙي پاڪيزه، بي لوث محبت ياد پئي

هو پورنءِ سان ناتو توڙيو مون، پر هو نہ قبوليو جڏهن خلا
رِشتن جو تقدُس ياد پيو، تهذيب جي عظمت ياد پئي

مخدُوم بِلاول جو ڪتبو، نيٽن سان پڙهيو چُميو مون
انسان جي مُهذب قدرن لئہ، محبُوب عِبادت ياد پئي

تون آئت جو درياهہ هُئين، مون جهڙن بي وس ماڻهن لاءِ
بارُود ۾ گُونجيو شهر جڏهن، پوءِ تنهنجي قِيادت ياد پئي

هي تنهنجي نظر جو دوکو آ، ٿو چندُ نہ ڪنهن جي ميتُ ٿئي
برباد ٿي پرڪيم ڏاهن جي، هر ڪائي نصيحت ياد پئي

وِچ راهہ ۾ هلندي ياد نہ هو ، ڪنهن ساٿ ڇڏيو هو مُشڪل ۾
اج تنهنجي تباهين تي ”ساحر“، سپنن جي شهادت ياد پئي

◈

ڳُنگُنائيندڙ صُبح جي، سينڌ تي سُورج چڙهيو
ڪنهن ڪنيا جي ڪچ تي، مُرڪڻ لڳو مِٽيءَ گهڙو

ماءُ جي ڪُٽ ڪُٽ تي چُوزا، ڇُهنب داڻن ۾ هڻن
پوپٽن جو آهه مسڪن، کيتُ هي برسيم جو

رقص ۾ ماڏي هٿن جي، ڇُهاءَ تي آ سانورا
جُهڙ مکڻ جو پر نہ آ، چاڏيءَ سطح تي اُڀريو

مٽ پلٽي مُند چيڏيا، ٽا ٽِڙن ذاهد قدم
پر حجابن جو پرين پنهنجي وچان آ فاصلو

بادلن جي اوٽ مان چنڊ آ لِياڪو وِڌو
هانءَ جو پنڇي هٿن مان، ڪنهن ڏِسا اُڏري ويو

هڪ عقيدت جو آ ناتو ماءُ، سرتي، پوڻ سان
هڪ تقدُس جو سُبنڌ پيو، آ خُدا سان دوستو

هيءَ عِبادت آ اڪين جي، تنهنجي ڇهري ڪي ڇُمڻ
سُونهن تنهنجي جڳ مُصور، جي هٿن جو مُعجزو

جامُ پاسيرو ڪري جو مون پڙهيون موکيءَ اکيون
چنڊُ ماني جهيل جي، آغوش ۾ پِگهرڻ لڳو

آخري هِڏڪي آ ”ساحر“، سج جي آڪاش تي
سمُنڊ جي اونهي قبر ۾، جاڻ پوڙهو غرق ٿيو

◈

گهٽيءَ جي موڙ جان اڪثر، ايندي ويندي، هوءَ ملندي هُئي.
حياءَ ۾ ريشمي چهرو، نِڪاري هلڪو کِلندي هُئي.

هميشہ اڻ اُمايل ئي رهيس گهاگهر جوانيءَ جي،
نہ ڄاڻان مُنتظر ڪنهن جي، اچڻ جي هوءَ رهندي هُئي.

اُجايل آبشارن جان ڪٽي محلاتِ مان اکيون،
ڪچي گهر ڏانهن ڦيدياٽي لِياڪا روز وِجهندي هُئي.

رهي اڻ ڄاڻ جيسين هوءَ منهنجي چهري کان شرميلي،
نظم پرجوش جذبي سان، منهنجا هر جاءِ پڙهندي هُئي.

جتي جِسمن جا سوداگر، پشم کي گهاءَ ڏيندا ها،
نديءَ جي پار بنجارن، سندي هڪ وستي هوندي هُئي.

ڪچي آڳُر ۾ راتين جو کماٽي ڪا ٻُڏائيندي،
نہ ڄاڻا آءُ نانيءَ جي ڪٻي اک ڇا لاءِ ڦرندي هُئي.

سُبنڌُ ڪنهن نانءَ جو جيسين، اسان ۾ هو نہ گڏ هاسين،
جڏهن منصُوب ٿي مونکان لڪائي چهرو رکندي هُئي

سڏيندي جنهن کي هئي ”ساحر“، هميشہ گهُٽ زندان جي،
پکين جان اُن جي نظمن ۾ آزادي ساهہ کڻندي هُئي.

◈

گهڙو پڳو تہ گهوريو، چمار آ لُٽي وئي،
اي سِنڌ تنهنجي سينڌ جي، بهار آ لُٽي وئي.

نِظام ڄام جون اکيون، ننگر جو دردُ ٿيون پسن،
وفا جي هر نِهار جي، بزار آ لُٽي وئي

نہ بيڙيون نہ رڇ سي، مُهاڻيون نہ کاريون،
نِمائي هر ادا حياءُ، نِهار آ لُٽي وئي.

صبُوح سا نہ شبنمي، نہ شام کا ڪجل ڪجل،
نفيس هر ڇُهاءَ جي، بہ سار آ لُٽي وئي.

هُجي ڪو هيڪلو سڄڻ، تہ درد ڪي سهي وڃون،
اسان جي پُر بهار ۾، سنوار آ لُٽي وئي.

آ گيتُ گيتُ سُڏڪيو، رُني آ تند تنبُور جي،
گُلابي شام جي سڄڻ، اُڌار آ لُٽي وئي.

وِڻي رُڳو وجُود ڪان، هُجي تہ خير دوستو،
پرينءَ جي سُرخ چپ تان، تنوار آ لُٽي وئي.

ڇلانگ آ نہ روجهہ جي، نہ مور جي ٺهوڪ سا،
نديءَ جي سونهن "ساحرو"، اُيار آ لُٽي وئي.

◈

مون رات ڇُمي دِل جي سِراڻي کان رکيو هو.
جو گيتُ منهنجي ماءُ جي لوليءَ ۾ رچيو هو.

مون پير رکيا ڳوٺ جي محبُوب فضا ۾،
اجرڪ جو پلئه ڇِت تي آجيان ۾ لُڏيو هو.

اِقرار جي لذت نہ ماڻي منهنجي سماعتُن،
ڇپڙن جون ڪُندون موڙي تو پلڪُن کي ڇِنيو هو.

ڪنهن جي نہ ڄاڻا ڄڃ هُئي ڳاڏين ۾ سنواريل،
ڇهرو ڇو حِجابن ۾ تنهنجو لالُ ٿيو هو.

پردي کي هٽائي وري ڇهرو تو لِڪايو،
ڪرن جي وِٿين مان گهڙي پل چنڊُ کِليو هو.

لاباري جي موسم ۾ هوا مونکي ٻُڌايو،
چولي مان ڪِري خطُ تو خاموش پڙهيو هو.

ڄِهرٽي جي رڌم ۾ هُئي سُرهاڻ مِٽيءَ جي،
مون ڳوٺ جو منظر نِگاهن کان ڇُميو هو.

جل ٿل اِنهيءَ ۾ سِنڌ جي تهذيب آ "ساحر"
پرديس ۾ جو گيتُ مون ڪالهہ رات لِکيو هو.

◈

موکي ناياب مئي تو پياري جڏهن
اُج   درياهه تي ٿي هُئي ڀاري جڏهن

شام بيساخين تي هلڻ پئي سکيو
الوداع جي ڪئي تو تياري جڏهن

خواهشن جا ڪبُوتر رڱن تي لٿا
تو چُمي مُٺ کولي اُڏاري جڏهن

تنهنجي چهري تي پوپٽ حياءَ جا اُڏيا
مون چُڙيل چڳ تنهنجي سنواري جڏهن

تو کي حق هو ڀري بزم ۾ تو گهُري
مُرڪ توکان وتل هُئي اُڌاري جڏهن

ڳٽپ پُوڄارين جي وڏي مون تنهنجي
مُورتي هُئي پٿر مان اُڀاري جڏهن

عڪس ميرا ٿيڻ رات فِطري هيُا
هڪڙي جُملي وِڏي دِل ۾ واري جڏهن

مون کي درياهه ”ساحر“ هو پرکيو تڏهن
دِل کي پائي وئي هڪ ڪُنياري جڏهن

◈

ٿورو تہ ترس پنهنجي خطا يادِ مان ڪيان.
سُوري چُمڻ کان پهرين وفا يادِ مان ڪيان.

آ ڳالهہ ساري ظرف جي مصلُوب ڪر پلي،
ڪهڙي خطا جي ڏين ٿو سزا يادِ مان ڪيان.

مقتل جي در تي تنهنجو ٿيو ديدار آ نصيبُ،
ڪهڙي پُني آ ماءُ جي دُعا يادِ مان ڪيان.

مون کان ذرا وجُود جا ئي ميڙجن نٿا.
فُرصت گهڙ ي ملي تہ صبا يادِ مان ڪيان.

جيئان ٿو تنهنجي پيار جا ماڻڪ چُڳي چُڳي
سمجهان جو توکي خُود کان جُدا يادِ مان ڪيان.

ڪنهن ڪنهن جا مون صليب ها پنهنجي ڪُلهي کنيا،
ڪنهن جي هٿن کي بخشي حِنا يادِ مان ڪيان.

اي شهر تنهنجون بي رخُيون چوڙيون گهٽيون گهٽيون،
واهڻ جو با وضُو ٿو حيا يادِ مان ڪيان.

ڌرتيءَ تي ڪنهن پڪيڙيون آنڌيون انڌير جون،
ڪنهن ڪنهن جلايا ڏاتِ ڏيئا يادِ مان ڪيان.

گُونگن کي ڪنهن زبان آ ”ساحر“ عطا ڪئي،
ٻوڙن ٻُڌي آ ڪنهن جي صدا يادِ مان ڪيان.

◈

ڇُهيو ڇپن سان تو جڏهن حِجاب مان گُلاب کي.
ڀُلي ويا ها فرشتا گُناهه کي، ثواب کي.

نئين نِکور ڪُنوار جان پلئہ نہ تو پري ڪيو
مون رات توکان خواب ۾ جُدا ڪيو حِجاب کي.

شرارتون هوا ڪيون، نفيس تو سان نِنڊ ۾
مون جرڪندي ڏِٺو پئي، جمال لاجواب کي.

چڳُن ۾ چاندني پري، سُتي آن چنڊ هيٺيان
سُرورُ تنهنجي سونهن مان، مِليو آ ماهتاب کي.

نِگاهه تنهنجي نازنين، انبُوريون هنيون پئي،
مون چوٽ کائي مُرڪيو نہ ليکيو عذاب کي

وساءِ پيار رِم جِهمون، جنم جنم تري پوي
دُکاءِ باهه کا سڄڻ، تپاءِ دِل جي تاب کي

پهاڙ جي پريان اُٿيو، پهاڙي ڦُول جو سُڳنڌُ
نہ ڄاڻ ڪنهن آ ڇيڙيو صبُوح جو رباب کي

مِليون اوهان جي مُرڪ مان، بشارتون تہ ”ساحرو“
ڇڏي ڏنوسين اُن گهڙيءَ، صنم ڪدي شراب کي.

◈

ڏِياتيون خُون جون ٻاري، جيئڻ جو راز ڄاتو آ.
انڌيرن کان اُجالن جي، سفر ۾ درد وقفو آ.

اسان گهاٽي جي گُهمري کي،تڙپ ارپي آ جنمن جي
هڏن جي پيڙ ۾ پرکيو، عجب اعليٰ ئي رُتبو آ.

گُهنجيل آ شام پيشاني، ڪُراڙي فاحشا جهڙي،
شهر جي چونڪ تي لُٽيل، حوا جو پاڪُ پردو آ.

اُميدُن تيل تي تِمڪي، ويون ٽي چار آشائون،
وٺُورو ڏُنڌ ۾ ويڙهيل پرينءَ جي گهر جو رستو آ.

رُنل نابين نيٽن کي، ڏِسڻ جي ڏات ناهي پر،
مٿيو هي ڪير آ پرسان، ڇِتو ٽيو دِل جو ويڙهو آ.

پڙهيم اِتهاس جي تُربت، مٿان ڪتبو هو ڏاهِر جو،
ڪنڌر منهنجي نِگاهن جي، گلين تي چنڊُ چڙهيو آ.

جُهڪائي ڪنڌُ جيئڻ کان، ڪپائي ڪنڌُ ئي ڇڏجي،
پرين تلوار ۽ سِر جي وچان غيرت جو ڏاڪو آ.

هي نُقطو ڪائناتُن کي، سهيڙڻ لاءِ آ ”ساحر“،
اندر جي گُهگهه انڌيري ۾، اڪيلو پيارُ تجلو آ.

◈

لتاڙي بُت ڪدا سارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني
اکين ۾ چنڊ جا چارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

وِڇائي دوست معنائون، ڇڏيون دنيا ۾ چاهت سڀ
محبت سُور واڏارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

پُڪاريو ٿي جوانيءَ جا، پوئي گجرا حسينائن
وِساري مُشڪ بوءِ چارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

اڪيلائن وڪوڙي هِن، ڇڏيون سڀ موسمون دِل جون
پيري ڏي جام ٻاجهارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

ڏِنو ڇا پارسائيءَ آ، مِليو مُهذب پٽي مان ڇا
ڇڏي دنيا جا مونجهارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

حُڪم ڪنهن جو نہ مڃيوسين، چريو جاهل چيو دنيا
ڪٽي تُهمت جا ڪاپارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

عِبادت گاهہ جي اڳيان، متيندي پير پل رُڪيا
جُهڪائي ڪنڌ ڪي يارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

مُنافق ٿي نہ سگهياسين، شهرُ جلادُ ٿيو ساقي
مِٺا ماڻهو ٿيا ڪارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

ڇِتو ٿيو شعور جو شيشو سفر اِدراڪ جو ’ساحر‘
ٻڏيو آ درد جي ڏارا، پُڳاسين پياڪ مئخاني

◈

لُڙڪن جي ڪهڙي قيمت، بهتر اُگهي چڏيون
بيڪار سرد آهُون، دِل ۾ رکي ڇڏيون.

توهين ٿي بشر جي، غيرت جي نانءَ تي
اهڙي سماج کي آ، تيلي ڏئي ڇڏيون.

دوکن جي آ تِجارت، پٿر جي شهر ۾
نوڪر هٽي آ دِلبر، اهڙي گلي ڇڏيون

ٽُڪرن پيا قتل ٿيون، جاهل، جلاد کان
سُقراط جان آ زهر جو پيالو ئي پي ڇڏيون

دنيا نہ بِهشت ٿيندي، ننڍڙي عمل سان ليڪن
پنهنجي حِصي جا ڪنڊا، گس تان ڪٽي ڇڏيون

جيئڻ جبرُ برابر، ٻوڙي سماج ۾
انڌن اڳيان آ ڏيئو ٻاري سکي ڇڏيون

ماٺار جي سمُنڊ ۾، هلچل ڪٿي نہ ٿئي
ٿڌڙو ڪٿي آ ساهہ جو ڪنڪرُ هٽي ڇڏيون

رستن جون رول پايون، هاٽي ڪيون بہ ڇو
اخبار مان ذِلت جو نقشو پڙهي ڇڏيون

پنهنجي مِزاج جي آ، دنيا رهي ڪِٿي
دنيا ڇڏيون يا ”ساحر“، پنهنجي خُودي ڇڏيون

◈

مُرڪ تنهنجيءَ ۾ مِٺيءَ جو دردُ آ
سِنڌ جي اُجڙيل نديءَ جو دردُ آ

آرسي ٽئي ماءُ جون گهريون اکيون
گُهنجُ هر ڪو هڪ صديءَ جو دردُ آ

ريت تي پيرا نہ آهن پوپري
پيارُ ساري زندگيءَ جو دردُ آ

جنهن جا سپنا سُرخي ٿيا اخبار جي
چنڊُ ڪي تنهن ڇوڪريءَ جو دردُ آ

گيتُ آ يا، ريت تي پهرين ڪٽي
شام جُهڙ جي، شاعريءَ جو دردُ آ

تون وٺي پُلجي وئين جنهن کي رکي
گُل سُڪل سو ڊائريءَ جو دردُ آ

رات ساري تڙپندو منهنجي سواءِ
سج ڪي سُورج مُکيءَ جو دردُ آ

سانت 'ساحر' ڳُونج مان سمجهي وئي
ڪُونج ڪي کهڙي ڪنڌيءَ جو دردُ آ

◈

ناڪام خواهشن جي گُمنام تربتُن تي،
ڳوڙها مون رات ڳاڙيا، برباد حسرتُن تي

تنهنجو سُفيد چهرو، مون راحِبا ۾ ڳوليو
گِرجا جي پارسائي، مُرڪي پئي چپن تي.

گهريون اُداس راتيون، يادُن جي سرد موسم
پل پل وڏاڻ جهڙو، ڪڙڪيو هو ڌڙڪنُن تي.

ٻاهِر نه جاڻ ڪنهن جي، گهُٽيل صدا رُلي ٿي
منهنجو ڏِيان هر پل، پٽڪيو ٿي دِل دڳن تي.

تنهنجي اکين مان جل ٿل، ٻڏيو ته رات منهنجي
دِل جو شفافُ بادل، برسيو هو رِڻ پٽن تي.

مينار پيروسن جا، ڪاغذ جي ناو نِڪتا
ڪُنيار چِٽ سُهڻا، ڪيجان نه تون گهڙن تي.

ڪويل جي ڪُوڪ ڪُچلي، ڳيرن جا ڳيچ گهُٽيا،
خوشبوءِ خُودڪشي ڪئي، پٽ تي ڇٽيل پنن تي.

ڇهري جا گهُنج اُلجهيا ڪلهه شام آرسيءَ سان
مايُوس پل ڪو سِرڪي، ويٺو سڪي ڳلن تي.

خوابن جي چِترڪاري، لحظي ۾ آ لُڙهي وئي
يادُن جي برف ”ساحر“ سيڪيان ٿو مان خطن تي.

◈

نہ هڻُ زنجير نيڻن جا، حُسن جي ڪارخاني ۾
ازل جو آئون سيلاني، رهان ڪيئن قيد خاني ۾

چپن تي آڻجان راڳي، مگر تي باوضو پھرين
عِبادت عِشق اوتيو مون آ ڌڙڪن جي تراني ۾

پويتر پاڪ جِھرڻن جان ڦُٽون ٿا ماءُ ڌرتيءَ مان
اسين انمول وٿِ آهيون مُحبت جي خزاني ۾

اِلاهي نُور جو تجلو اپيچند جي اکين ۾ هو
جُھڪيون تبليغون سرمديون ڪُفر جي آستاني ۾

ڪُفر جي ڪيف ۾ پرکيو خُدا جو مرتبو ڌاهِد
سفر هو ڪائناتن جو نِگاهُن جي نشاني ۾

اکين تنهنجين ۾ تجسُس جو پسان ٿو اولڙو سائنڻ
ڪمي ڪنهن موڙ جي رهجي وئي شايد فساني ۾

سفر سپنن ڪان ساپيان جو ڪنن معنيٰ هُيو ليڪن
هُئي هڪ جستجُوءِ توکي، ڇُهڻ جي هِن ديواني ۾

ڪُليل ينيا ڪُلهن تي ۽، اکين ۾ نُور جا تجلا
عجب پنهنجائپ پاسي ٿي، مون کي هڪڙي بيگاني ۾

لکيو گُمنام پٿر تي خُدا جو نانءُ مون ”ساحر“
چڙهيو هو نُور جو سُورج، پُڳي شُهرت زماني ۾

◈

هڪڙي جهلڪ جي آس ۾ جيئندي مري وئي
تنهنجي گليءَ رات ڪا، هلندي مري وئي

انگُور جو ڇُڄُو هُئي، ريشم جو نرم ڇُهاءُ
جوڀن جي نرم لام تان، ڇڻندي مري وئي

سُورج ٻُڏي سمونڊ ۾ ڦهتو هو انت کي
سُرمائي شام شهر ۾ رسندي مري وئي

اوگهڙ ڍڪي نہ چنڊ ڪان هُن جي بہ ٿي سگهي
ڪلهہ رات هرڻي رُڃ ۾ ڀڄندي مري وئي

لهرُن جي شور دانهن ڪي، ڀاڪُر ڀري ڇڏيو
سپنا مهاڻي پيار جا ڏِسندي مري وئي

گهنگهُرُو بہ هُن جي موت جا، شاهد نہ ٿي سگهيا
نچڻي تہ پنهنجي آڳ ۾ نچندي مري وئي

منهنجي اندر ۾ خوف جي، موسم تہ دوستو
جلاد سان نِگاهہ جي، مِلندي مري وئي

مرڪز جا تاج محل جان هر ڪنهن نظر جي هُئي
محبُوب جي نگاهہ ۾ ڪِرندي مري وئي

جُهومر جيان سجيل هُئي ”ساحر“ جبين تي
پازيب جيئن بزم ۾ ڇِڄندي مري وئي

◈

هِن شهر ۾ هاڻي ڪو، خُود دارُ رهيو ڪونهي
پڙهُ شُڪرانہ مُنصف، گُنهگارُ رهيو ڪونهي

ڪنهن لاءِ اچي در تان، موٽيو ٿي وڃين هر هر
خوشبوءِ جي کهاڻيءَ جو ڪِردار رهيو ڪونهي

ڪنهن لاءِ تتيءَ ڳاهيون، هن شهر جي رستن کي
جنهن رولاڪيون بخشيون، دِلدارُ رهيو ڪونهي

چؤ هاڻ مسيحن کي، ٻيو ڪوئي هُنر ڳولن
ٿيا خاڪِ نشين سارا، بيمارُ رهيو ڪونهي

گهاگهر کي اُمائي جنهن درياهُ ٻڏايو هو
پاڻيارِي گهاٽ تي سو، ڪُنيارُ رهيو ڪونهي

پِنبڻن سان ڪري پندُ جنهن، محبُوب ڏي ويجهو هو
درياهه جي هُن پر سو، ميهارُ رهيو ڪونهي

جُهومر هو سِتارن جي، جو لاڙ جي ماٿي تي
ڪنهن کي ٿي هوا ڳولين، وينجهارُ رهيو ڪونهي

سڀ ڪافر مؤمنَ ٿيا، ۽ پياڪ ولي ٿي ويا
بازارِ مُقدس ۾، بدڪارُ رهيو ڪونهي

سُرخَن بہ ڪري گيڙُو، پوشاڪ چڙهي ”ساحر“
ڪا لال گهٽا اُٿندي، آثارُ رهيو ڪونهي

◈

ويجهو ٿي ڪنڌيءَ ڪي ناو جڏهن، تو هٿ هوا ۾ لهرايو
مون توکي پنهنجين ٻانهُن جو، هڪ مُومل مُرڪي پارايو

ڪيڏا تہ خوشين جا ميڙ هُيا، سڀ ڏيئا ڏيئا گهيڙ هُيا
مون گجرا توکي پارايا، تو چپ تي موتيو مهڪايو

خاموش پلن کي چِرڪايو، مون تندُ مٿان هو هٿ رکي
تو پلڪُن کي هُئي جُنبش ڏئي، چنگُ سانت ۾ جيڏي جاڳايو

مون تنهنجي ڳل تي چوريو پئي، آڱر کي پُوري نانگڻ جان
تو جوڳڻ جهڙا نيڻ کڻي، افسانو محبت ورجايو

ڪنهن چارڻ چوريو چنگُ پئي، چندُ نيري نديءَ ۾ ٻيڙي هو
مون رات ڪنڌيءَ تي ڪانپ ٻڌي، سڏُ سُهٽي تنهنجو ورنايو

ڪُجھ جام ۾ پريل مستي هُئي، ڪُجھ سُونهن تنهجيءَ جي سرسي هُئي
مان ڪيئن چوان ڪنهن مستُ ڪري، محفِل ۾ مونکي جُهومايو

هو چندُ بہ پُوري جوت پريو، مهڪيل هُئي هوا پيي ميندي‌ءَ ۾
پُرڪيف پلن ۾ ساٿُ ڏئي تو گيت ازل جو ڳارايو

تو اُپري پِياسي سِپ جيان آجيان ۾ وِڇائي مدهوشي
مون اڻ مُل "ساحر" ٻُوند جيان ارپن هو ڪيو هر سرمايو

◈

يادِ ناهي رات هُو، گهائل اکيون ڪنهن جون هُيون
ڪنهن سُجي ڪشڪول جان، سائل اکيون ڪنهن جون هُيون

يادِ ناهي ڪنهن جي يادُن، جو اجهو هو همسفر
برپٽن جي پنڌ ۾ بادل اکيون ڪنهن جون هُيون

يادِ ناهي ميگهه چانيل، هو فضا ۾ يا ڪجل
بُوند جون سکيون بڻيل، ڪوبل اکيون ڪنهن جون هُيون

يادِ ناهي ڪنهن جي زُلفن، جي پناهُن ۾ ڦُڳس
تير جان تاڻيل مگر، قاتل اکيون ڪنهن جون هُيون

يادِ ناهي سمُنڊ ڳاڙها، لُڙڪ ڪنڌيءَ تي هُيا
يا نه آلي ريت تي مشعل، اکيون ڪنهن جون هُيون

يادِ ناهي ديپ جان، سنگيت جان يا ميت جان
رُوح منهنجي ۾ رتل، پل پل اکيون ڪنهن جون هُيون

يادِ ناهي ڪيرُ وِڇڙيو، درد جي سڪرات ۾
پياس جي صحرا ۾ پر، تاڌل اکيون ڪنهن جون هُيون

يادِ ناهي ڇِرڪ ڪائي، ڇو اُڏيا پوپٽ پکي
سانت ۾ هلچل بڻيون پايل اکيون ڪنهن جون هُيون

يادِ ناهي عِشقُ ”ساحر“، عِشقُ هو يا آڳ هو
رُڃ جي درياھ ۾ ساحل، اکيون ڪنهن جون هُيون

◈

پل ڪن واس وٺي وڻجارو وينڌو گوري پاڻ سنڀال
سڀ ڪجهه لُٽجڻ کان بهتر آ، موڙهي دِل جي هاڻ سنڀال

ساري رات سُتي تون ناهين، ڇهرو چُغلي، هٽندئي سرتي
مصلُوبين جي موسم آ تون، نيٽن ۾ رت ڇاڻ سنڀال

پئونرن جي آ فِطرت ڳائي، گيت گُلابي من کي موهڻ
ڦورُن جو آ ڦندو سُهڻو، سُهڻي تون سُرهاڻ سنڀال

اڻ ملهه هِن جوانيءَ کي تون، تڙپ جي تِياس جو ڪاڄُ نه ڪر
ڄرِ جو ٻارڻ ٿيءُ نه اياڻي، جوت خُدا جي ڪاڻ سنڀال

ريت ۾ ماڻڪ ملندا ناهن، ڪوڏيون سُتيون ڪنڪر ڪوڙ
ڳولِ وفا جا موتي جر ۾، ڄاڻ جو تون مهراڻ سنڀال

درد ڏيڻ آ فِطرت جڳ جي، درد ونڊڻ کان ڪوهين ڏورُ
ڪو به نه آٿت ڏيندئي بهتر، نيڻن جي آلاڻ سنڀال

ديوانا تون ديوارُن سان دردُ ونڊڻ جي عادت ڇڏ
پاهڻ لُڙڪ تي ڳرندا ناهن، ڳوڙهن جي تون ڪاڻ سنڀال

رازُ کُليو پوءِ خلقت "ساحر"، کلندئي پنهنجا سُڏڪا روڪ
ڪُندن ٿي وڃ عِشق جي اڳ ۾، اندر جي چِڪتاڻ سنڀال

◈

سُڪون نايابُ هو نِندِ جو گهڙي پاڪرُ نہ ٿي سگهيُس،
سواءِ دردن جي ٻارڻ جو عُمر منظرُ نہ ٿي سگهيُس.

سجايو گُهنج جان تو پيِ پنهنجي چنچل پيشانيءَ تي،
ڪڏهن پر مُرڪ تنهنجيءَ جو مِٽي محورُ نہ ٿي سگهيُس.

ڪنهين گُمنام کنڊر ڏي ويندڙ هان پيچرو آئون،
سواءِ تُربت جي ڪتبي جي، ٻيو پٿرُ نہ ٿي سگهيُس.

تجسُس جي تون چشمي سان، ڏسي هان منهنجون ويرانيون
لُٽيل تهذيب جو آئون، ڪوئي کنڊرُ نہ ٿي سگهيُس.

اُها ديوانگي دِل جي، اجا ورثو آ چاهت ۾،
سجائي چهرو چهري تي، سکي مُنڪرُ نہ ٿي سگهيُس.

جِتي تُوهر ئي جنمن ٿا، تپن ٿا اڪ سان رُج هان،
گِهڙين هان تون گهڙي تي سو، سُهٽي ساگرُ نہ ٿي سگهيُس.

لتڙ اعزاز جان منهنجي مُقدر ۾ لِکي وئي آ،
شهر جو چونڪُ هان گهر جو ڪچو آڳرُ نہ ٿي سگهيُس.

حُسيني ظرفُ آ منهنجو امُن جو آهيان خطو مان،
يزيدي سوچ جو ”ساحر“ ڪُڌو لشڪرُ نہ ٿي سگهيُس.

◈

نِگاھ سجدي منجھان کٽي تو دُعا جي آئت جيان نِھاريو
عقيدتُن جو مون جام جانان، اکين مان تنھنجي چپن تي هاريو

ڳلن سان والن جي گسِ منھنجي رڳن ۾ ٻُکيا پکي چُڳايا
مون خواهشن جو بتيلو تنھنجي حياءَ جي درياھ مان اُڪاريو

نفيس لهجي قدم قدم تي، نِڪور نيندون ڏِنيون اسان کي
حِجابي چهري جي دِلڪشيءَ مان، گُلاب موسم کِلي کيڪاريو

مون ورق پلٽيا ٽي رات دِل جا، شرير چانڊاڻ جي اجهي ۾
نِگاھ سِنڌيا جو ڏيک تي پئي، وِٽين جي پن چڻ وجُود ٻاريو

مِلياسين جانم ڪٿُوريون کُليون، سُڳنڌ واسي ڇڏيون فِضائون
وصل جي برکا بدن ڀِڄايو حياءَ جي شبنم اندر اُجاريو

اُٿل اُٿل هئي ندي نظر جي، لٽيون چڙهيون ٽي خيال لهرُون
سمونڊُ کي مون اکين ۾ اوتيو، سمونڊُ مون کي سِڪڻ سِکاريو

چُني هٽائي تو چپ موڙي، نِياپو چاتل ڏنو اکين سان
رڳُن ۾ آرس ڀڳا بهارُن اُداس دِل تي ڪڪرُ پڌاريو

اجهاڳ چاهت جي پيچرن تي، هُيون اُجايل سوين ڪهاٽيون
رُکي نہ منھنجي تنوار ڍوليا، ڪڏهن بہ تنھنجو نہ من ڏُڪاريو

تو ڪنڌُ ڇِرڪي ڪنيو کُلهي تان، ڪا لهر ”ساحر“ چڙهي ڪنڌيءَ تي
مون رنگ تنھنجي اکين جا پڙهيا، چڳُن تي نانگِڻ جيان اُلاريو.

◈

تنهنجي چپن تان مُرڪ جو منظرُ مري ويو
منهنجي اکين مان اڄ ميو جوهرُ مري ويو

درياهه هُئي ڪُنيار سان تعزيت گهڙي جي ڪئي
سُهڻي تہ ٿي امر مگر، ميهرُ مري ويو

توکي نہ ڪوئي فرقُ پيو تنهنجي سُپاءَ سان
منهنجي وجُود ۾ ڪوئي پيڪرُ مري ويو

تنهنجون بہ قيد فُرصتون گُهرجن ڪري ڇڏيون
منهنجو ڳيچي جي ڪوج ۾ محورُ مري ويو

تخليق خُود حِجاب هو فنڪار سان ڪيو
تيشو ڪُپائي دِل ۾ هو سنگ گرُ مري ويو

ڇيڪا خيال ٻُڪ جي بنيءَ جي ٻِڪ ٻٽيا
گهاگهر جا گُونگا گيت ٿيا، ڪُنڀر مري ويو

درياهه جو نہ وصل ٿيو پِياسي سمونڊُ سان
اوپارو ترندي ريت تي شاعرُ مري ويو

ڪُونجين شفاف لاڙ کي پيغامُ هو ڏِنو
آلُودگيءَ جي زهر ۾ سمندرُ مري ويو

انگُور کي نپُوڙي تو اوتيو هو جام ۾
تنهنجي ڳلن جي پنور ۾ ”ساحرُ“ مري ويو

◈

منهنجو وجُود جانان، کنڊر جون هيڪلايون.
صحرا ۾ ڪنهن پُراڻي، مندر جون هيڪلايون.

ماتار جي ڪهاڻي، نِبري نہ ٿي صدين کان
مون ۾ رهي پيون هِن، ڪينجهر جون هيڪلايون.

فُرصت گهڙي تون ماڻي، منهنجين اکين ۾ ڏسجان
ويران پتڻ جون شامون، سمندر جون هيڪلايون.

بارش جي شام کان پوءِ، جيئن رات جي اُداسي
دِل جو جذيرو تو بن، قلندر جون هيڪلايون.

حيران ٿي مان ڪتبو پڙهندو رهيُس تہ اُيريون
رت ۾ ٻُڏل اُگهاڙي، خنجر جون هيڪلايون.

تختو جلاد جلدي هينيان ڪيڏي تون ونجان
آءُ ڏسي نہ سگهندُس، سنگهر جون هيڪلايون.

احساس توکي کهڙو ٿُوهر جي بيوسين جو
ڪاتيون ڪڏهن نہ تو دِل بنجر جون هيڪلايون

پلڪُن ۾ الوداع جي موسم جون بارشون هِن
ڇهري تي پُج جي هِن، منظر جون هيڪلايون

هر پل هي پوڳنائون، توڙي وجهن نہ "ساحر"
ناسُور ٿي ويون هِن، اندر جون هيڪلايون.

◈

رُلي ڇهرن جون خاموشيون، نظر بيتاب موتي آ،
ڪٿي آهين لِڪو منهنجا، پرين مهتاب موتي آ.

صُراحيون جام خالي ٿيا، مگر آ تشنگي ساڳي،
ازل جي اُڄ ٺارڻ لئہ مِثل سيلاب موتي آ.

شهر ۾ منهنجي چريائي تماشي جو سبب ڪيسين،
رهي ڪنهن معجزي وانگي ڪِٿان ناياب موتي آ.

اُجاري آتما تنهنجي دٻن ۾ دِل وڃائي آ،
ڪنهين الهام جان منهنجي اکين ۾ آب موتي آ.

وري دِل کي فريبن جي ڦندڙي جو شوق جاڳيو آ،
وري ڪو دِلرُبا دِلڪش ڏيڻ دولاب موتي آ.

اُٿي ڦالين يادُن جا اکين جا ڏيک زخمي ٿيا،
وري سانوڻ ڪيا جل ٿل سُڪل تالاب موتي آ.

وري مورن ٿهوڪن سان نظر ۾ نِرتڪيون نچيون،
وري ٿي ڪاسبو دِل جو پرين شاداب موتي آ.

شڪستہ ناو لهرُن سان، لڙي پئي ڪيترو ”ساحر“
ڪِنارو ڏُور نيٽن ڪان، اڳيان گرداب موتي آ

◈

تنهنجي نيڻن جي محبُوب موسم، ميگدن جا پتا ٽي ٻُڏائي
جام ڇِرڪي هٿن مان وچن ٽا، ڇير ڇم ڇم ٽي بي خُود بنائي

شام اوڏر ڪجل تنهنجي اک جو، تنهنجي اوبر گُلابن جو جوبن
تنهنجي نهٽين نِگاهن جي برکا، مور من ۾ وئي آ نچائي

ميڙ ۾ تون سنورجي ٽي نِڪرين پِندُ پهڻن جيان گهُوري دنيا
پيبر سيرين ڪٽن ساه رستا، ماٿ تنهنجي عِبادت لکائي

جيئن جُهومڪ ڳلن کي ڇُهن ٽا، پئونر اُڏريو اچن ٽاري مکڙيون
واءُ تنهنجي ڇڳُن مان چنبيلي، مست ٽيو آ ڪٿُوري چورائي

تون نِهارين نشيلي نظر سان، سانت پوشاڪ پائي سمندر
تنهنجي پاڪيزگيءَ جو قسم آ، چندُ توکي ڏِسي ٽيڙ کائي

مُرڪ وِرڇين تہ پاسي هوا ۾ گيت سنگيت جو سهٽو سنگم
ساه تنهنجي جو پُرڪيف سرگم سانت گهاگهر کي سرتي اُمائي

ڇپ چورين جٽي سِپ ماٽڪ، وار کولين نچن اُپ تي ڪڪريون
پيبر ريشم پڌر تي گهُمائين، پاڳُ بيٺو سکي پونءِ پائي

تنهنجو ساحرُ نہ شاعرُ هُجي ها، کو گداگر مُسافِر هُجي هان
سُونهن تنهنجيءَ کوي آ بٽايو، عِشق اوچو ڇڏيو آ اُڏائي.

◈

ڪهڙي لمحي هِجرُ عِشق ڪاڏو نہ آ
دردُ درويشُ آ، شاهہ زادو نہ آ

او ڳُلابي ڪلي تنهنجي سُرهاڻ جان
رُوپ منهنجي مٽان ڪو لبادو نہ آ

تو نِهاريو اکيون، آيتون ٿي پيون
تو کي سجدو ڪرڻ جو اِرادو نہ آ

تنهنجي وِڇڙي وڃڻ جي تصوُر کان پوءِ
آءُ جيئرو رهان مون ۾ مادو نہ آ

ماڻهو درياهہ دِل آ ضرورُي پرين
ڇا ٿيو جيڪڏهن گهرُ ڪُشادو نہ آ

ريڙهيون پائي اچن ٿيون جُهڳين ڏي خوشيون
دردُ ايندو ڪڏهن پر پِيادو نہ آ

ڇانو جنهن تي امڙ جي دُعا جي هُجي
ماڻهو ٿيندو اُهو بي مُرادو نہ آ

ها ضرُوري نہ آ، ڇهرو چُغلي هڻي
ٿڪُ دِل جو ڪڏهن بي سوادو نہ آ

پيار تنهنجي نچايو آ، پُتلين جيان
ورنہ ”ساحر“ پرين دِل جو سادو نہ آ

◈

هٿ مان ويندي ٽاٽي سوچيو
ڏرتيءَ لاءِ تہ هاٽي سوچيو

ڪيرُ سخي آ سنوري آيو
هڏ پيڙينديءَ گهاٽي سوچيو

درويشن جي دِل آ دنبُورو
تسبيح جي هر داٽي سوچيو

ڪنهن جي ٻُڪ تہ مرٽي آ
جنڊ ۾ ڦِرندي داٽي سوچيو

ڪاڪُل هِن يا ڪاريهر
ويندو ڪُلندي وِهاٽي سوچيو

ڪهڙا يتيم جا انگل آرا
پوڻ ڪان رات ڏِڪاٽي سوچيو

سُلجهي ويا سڀ مُنڌل ڌاڳا
مومل ماٽي راٽي سوچيو

ايندو نيٺ اري ۾ "ساحر"
نخريليءَ جي ماٽي سوچيو

◈

ساهه جي سُرهي صبا وچ ۾ هُئي
مرحبا دِل جي صدا، وچ ۾ هُئي

ٻن چپن تان ٻن چپن جو پنڌُ هو
پيار جي هڪ انتها وچ ۾ هُئي

ڳل سان پلڪُن جي چنچل چيڙ چاڙ
باحيا هڪڙي ادا وِچ ۾ هُئي

برفجي پل هي وچن رڳ رڳ چيو
ٻن دِلين جي هيءَ دُعا وچ ۾ هُئي

چندُ تنهنجي رُوپ تي چِڙندو رهيو
چاندني پر دِلرُبا وچ ۾ هُئي

باوضُو لمحا گليءَ ۾ مُرڪيا
حُور جهڙي راحبا وچ ۾ هُئي

آخري پيرو ملياسين بارها
بارها سِڪ جي سزا وچ ۾ هُئي

مُند "ساحر" پير ۾ پايل ٻڌس
ڪُنوارپڻ جي ءِ حِنا وِچ ۾ هُئي.

◈

جبين تي مون کي جُهومر جان هُيو مُرڪي سنواريو تو
ڪٽي پستين مجهان ڪک کي، پرين چنڊ جان اُپاريو تو

بدن تي نانگٽيون سِرڪيون ڪِنوڻ ڊوڙي رڳن ۾ وئي
ڏندن هيٺيان هو چپ ڏيئي جڏي جيءَ کي جياريوتو

مون جاڙن آبشارن جان، اکيون اوتي چڏيون تو ۾
پياسي جهيل جان جڏهين، نِنڊاکو ٿي نهاريو تو

پکيڙيل پر اُنهيءَ ويلي، سهيڙيا مور ها پنهنجا
حياءَ جي هنج مان اکيون کڻي جنهن پل پُڪاريو تو

ڪري هُئي آجيان ڪومل چپن سان نانءُ منهنجي جي
اکين جي تخت تي راجا جيان راڻي ويهاريو تو

ڪنهين پيلي گهڙي وانگي، هُيون مَسڪن اڪيلايون
پريل گهاگهر جيان ڪچ تي، کڻي سائنڻ سنپاريو تو

دبيل خواهش جيان دِل جي، هُيس پاتال ۾ آئون
ڪنول جان نيري پاڻيءَ جي، سطح تي مون کي تاريو تو

مان سونارن جي گلين ۾، هُيس پيرن جو ٽڪُ ”ساحر“
ضرُورت مند جان مون کي، نفاست سان ٻُهاريو تو

◈

مِليا نہ لُڙڪ ئي مليا ۽ مُرڪ جي ميناس کان رهياسين اوپرا اسين
ڪُتو سفرُ نہ درد جو زخم زخم وجُود ٿيو جُهرياسين هيڪلا اسين

ننگر ننگر جون موسمون، اکين اکين ۾ اوتيون ، وفا پرستيون پوڳيون
مِلين تہ ڪنهن بہ موڙ تي، پتو نہ تنهنجو ڪِٿ پيو ٿڪن جا اولڙا اسين

شمع شمع جلون پيا، ڦُڙو ڦُڙو ڀُڙون پيا، گهڙي گهڙي جُهرون پيا
لُڇون نہ ذلتون سوين، ڪُڇون ڪُفر جون تُهمتون وجون ڪيڏانهن خُدا اسين

زبان زبان تي شهرتون،هي ذلتون هي وحشتون،نظر نظر ۾ بي رُخيون
رُلُل رُلُل گلي گلي حقارتون سماج جون، هُجون ڪي ڇيڳڙا اسين

مُبارڪون مُبارڪون اوهان تہ ماڻيون راحتون لُٽيون اسان جون چاهتون
صليب تي سنوارجي ترار تي تنوارجي، رهياسين بي وفا اسين

مُڙي ڏٺئي تہ دِل ڳلي ڪو سازُ تي ڇڙي پئي ، ڪو رنگُ تي ٽِڙي پئي
اي چنڊ تنهنجي رُوپ جا، ٿا جن ۾ عڪس ئي لهن اُهي ئي آئينا اسين

وِڇيون گهٽيون وِصال جون، ٽِڙيون ڇپن تي موسمون ، گُلاب دِل جون سڀ گليون
اکين ۾ رِم جِهمون لڳيون، لڪير ميل جي ٻُڏي تباهہ دِل ڪٿا اسين

اوهان ٿُڏيو سماج جي نِگاهہ پي تي اوپري، رهي نہ ڪا جڏهن گلي
سميٽي ساريون موسمون، ٿڪل ٿڪل قدم کڻي ٿياسين ميڪدا اسين

نہ شاعري نہ ساحري اجهو پرين آ ٿي سگهي، ملي نہ ڇانو جي گهڙي
جنم جنم کان درد جي، سمونڊُ جا سفير ۽ اُداس سلسلا اسين.

◈

مان ڄاڻان ٿو جُهڪيل سِر ۾، پِنل نيڻن جي مجبُوري
ڇٽيل پن ۾ ٻڏڙيل ڳوڙهن، جُهريل جذبن جي مجبُوري

مان ڄاڻان ٿو انڌي گهر جي، گُونگي ڪنهن ڪنڊ ۾ هوندينءَ
مان ڄاڻان ٿو آنڌين ڪان پوءِ، ڪچن جُهوپن جي مجبُوري

مان ڄاڻان ٿو تہ ويٺيءَ ۾، ڪنگڻ ٿيو گهرگهلو هوندئي
مان ڄاڻان ٿو آئينن ڪان، رُتل جلون جي مجبُوري

مان ڄاڻان ٿو سُڪل گُل سان ، پيئي پيٽين جوانيءَ ڪي
مان ڄاڻان ٿو بهارُن ۾، ڇٽيل قُولن جي مجبُوري

مان ڄاڻان ٿو گهٽائن ۾، گِهريل آ ناو ڪاغذ جي
مان ڄاڻان ٿو هوا رُخ تي، رکيل ڏيئن جي مجبُوري

مان ڄاڻان ٿو وِصل جانان هوا سان خُشڪ پنن جو
مان ڄاڻان ٿو خِزان ستيل، حسين چهرن جي مجبُوري

مان ڄاڻان ٿو ڳري ڪيئن ٿو ، پرينءَ جي ياد ۾ جوين
مان ڄاڻان ٿو ونل بُوندن، ٽُتل تارن جي مجبُوري

مان ڄاڻان ٿو انائن جو انڌو گهوڙو سگهارو آ
مان ڄاڻان ٿو جلادن جي اڳيان سجدن جي مجبُوري

مان ڄاڻان ٿو ڪيئي پيرا تو سوچيو زهر تي ”ساحر“
مان ڄاڻان ٿو نِراسين ۾ ڪنيل قدمن جي مجبُوري.

◈

شايد توکي نہ ايندو اِن جو يقين صاحب
درياھ آهيون پِياسا دِل جا مڪين صاحب

سي آسمان تي ڇا لاءِ پنهنجو ٺِڪاڻو جوڙين،
جن جي آ ماءُ جهڙي جنت زمين صاحب

محبُوب جي چپن جو مان لمسُ ويو هان پُلجي،
هڪ ڀار جي چُمي ٿم جڏهين جبين صاحب

اڄ ڄاڻ هڪ رقاصا رقصان آ منهنجي اندر،
ڪلھ ڪان وجُود جي آ موسم رنگين صاحب

پهلُوءَ ۾ دِلرُبا جي پيمانن شراب توبھ،
تو جهڙو آءُ ناهيان ظالِم زهين صاحب

ڦريون وِکون ٿو ڀالڪ منهنجي اندر ڪٺي تون،
اِلزام بي خُودين جا نہ هڻ سنگين صاحب

پنهنجي ئي آڳ ۾ مان چُپ چُپ جلي رهيو هان،
سُورج جو پرتوو هان پٿر نگين صاحب

ايمان و عِشقُ تن جي پوشاڪ جان تہ ناهن،
بدلي جو روز "ساحرُ" دِلبر ۽ دين صاحب

◈

ڪنهن نہ پاڪُر جي گرمي ٻٽيو رات پر
هيڪلو وِلهہ ۾ هُو ٺريو رات پر

اِنتظارن چکيو، مُنتظر جو مزو
وقتُ پٿر جي مُورت، هُيو رات پر

تو ٿي سپنا سُبيا، ننِڊ ۾ ناز سان
ڪوئي آتش فشان جان، ٻريو رات پر

يادِ جي ڄار ۾، قيد مڇيءَ جيان
بانورو دِل جو پنڇي، لُڇيو رات پر

ڪنهن ڇپن جون لڪيرُون پڙهيون چپ سان
ڪو ڪجل جيان ڳلن تي، ڳڙيو رات پر

ڪو اگهايل دُعا جي هو آغوش ۾
ڪو لڪيرُن سان اُلجهيو رهيو رات پر

تو صدائون ڪنايون نہ درويش جون
ڍينگهرن تي چُنيءَ جان اُڏيو رات پر

نقش اُپريو هو "ساحر" مگر ڪرپ جو
درد تيشي جيان هو ڇِليو رات پر

◈

چوڙي پُراڻي لُڱڙ جان جا زندگي مِلي
خيرات ۾ ذرو ذرو باسي خوشي مِلي

تنهنجي ئي دم سان رونقون منهنجي وجُود کي
شُهرت شفاف پيار جي آ چاندني مِلي

بي نام هڪ خيال جي پويان تمام عُمر
پيرن کي هڪ عجيب آ، آوارگي مِلي

هڪ پل جو هُو خيال هو پياري حيات تي
موکي نہ ڄاڻ جام ۾ کهڙي خُودي مِلي

سپنا ٽُٽا وجُود ويو تارن جيان ٽِڙي
تنهنجي هِجر فِراق ۾ آ تشنگي مِلي

ٻولا ٻيپي جيءَ ٻوٽ جون يادون نہ ميٽيون
سارياسين روئي ڇانورا، پل جا وٿي مِلي

جيون غريب جي جُهڳي، جوين رلي ڇِنل
تندُور جان تتل مِلي، جيڪا گهڙي مِلي

پهرين بہ هُن کي آ ڏِٺو "ساحر" سدا اُداس
سپني ۾ رات ڏيڊ تي جا چوکري مِلي

◈

زندگيءَ جي ڪنن، پيچرن تي ٽڪل، قافلن سوچيو
پنڌُ ڪيڏو اجا، روشني آ پري، فاصلن سوچيو

لال فولاد جان، زندگي آ ڪٽي، هِن بيابان ۾
شخص هي آ جُڙيو ڪهڙي مِٽيءَ منجهان بادلن سوچيو

ڪوڙ آيا ويا، مُنڪرن جا ڪٽڪ، رهزن جا جٿا
سِنڌ بيٺي اُتي، آ صدين کان اٽل، مشعلن سوچيو

هڪ ڊِگهي گُهور ۾، ڇا ٿو جانچي ڇريو شام جو سمُنڊ تي
ڇِرڪ ڪائي هُيو لهر جي ڇُهاءَ تي، پايلُن سوچيو

شام ذردي وئي، رات آئي انڌي، جاڻ ناهي اڳيان
ايندو ڪهڙو صُبح، ديس درياهه تي، ساحلن سوچيو

هي هوا ۾ سُڳنڌُ، اڄ ڇُهيو ٿو گُهلي، باوضُو آ فِضا
ڪنهن آ آرسُ ڀڃي، ساهه ٿڌڙو ڪنيو آنچلن سوچيو

چنڊ اُڀري لٿا، سجَ شامون ٿيا، برف پگهري گهٽي
هاءِ ڪهڙي سبب، وقتُ سُلجهي نٿو مرحلن سوچيو

رات تاريڪ جي، گرپ مان سِج نئون، اوس وٺندو جنم
جُستجوءِ شرط آ، پير پُختا هُجن، حوصلن سوچيو

چنڊُ ويو منڊجي، سج ڪي ٿي گِرهڻ، وقتُ وِيو برفجي
مون ڪي ’ساحر‘ جُدا، هو مِٽيءَ کان ڪري، قاتلن سوچيو

◈

زندگيءَ جو حُڪم ڏئي تو بندگي سامهون رکي
زندگي او زندگي تو بيوسي سامهون رکي

مُسڪراهٽ مُلهه وِڄايو گيت ٿيا گُونگا سيئي
تو سُبي چپ هٿ مروٽي بانسري سامهون رکي

مون چُهڻ چاهيون جڏهن پيي وُسعتون آڪاس جون
تو کسي پرواز آ، دُنيا وسعي سامهون رکي

پيار جي بيساخي مون، توکان گهُري تو موٽ ۾
هِڪ ڊِگهي چُپ جي لپيٽي، ڊائري سامهون رکي

خوبصُورت زندگيءَ جا مرحلا مسڪن هُيا
دلفريبين سان تو جانان، ڏر تتي سامهون رکي

سُونهن جو سُندر سفرُ هو منهنجي دِل جو داستان
چنڊ تو آ رُڪ جهڙي، عاشقي سامهون رکي

مون جڏهن پُوڄا جو مرڪز تنهنجي صُورت کي ڪيو
تو بہ پٿر جي صنم جان، بي حِسي سامهون رکي

مس سِکي مون کنڊرن سان گُفتگو تو سانورا
شور سان جل ٿل شهر جي، آ گلي سامهون رکي

عِشق جي پوشاڪ اوڍي، سرمدي ٿي سُرخرو
حُسن سنگ بازي جي ساحر مُنصفي سامهون رکي

◈

تون ڇُهين تہ گُل تي تِرِي پوان ڪلي آهيان ڪچڙي لِيار جي
مان رِدمر ڏيان تنهنجي خيال کي، ڇيڙين تند دِل جي سِتار جي

چڪ چولڙي تي هٽي پيا، نٿي سر تِڪي پلڪ ڪا چُني
تنهنجي سار جون سو سُوڪڙيون وريون ڪُونج وانگي قطارجي

تون خُدارا نِڪري خيال مان، هِن سايِيان ڏي تہ ڏِيان ڪر
مان وجُود تنهنجي جو هان حِصو، مان نويد آهيان بهار جي

ٻُڌُ چا چوَن ٿيون هي چُوڙيون، ٿورو پرک جهانجهہ ڇنن ڇن
ڇڏ جام هيڏي نِگاهہ ڪر آئي سُونهن تو لئہ سنوارجي

ها پيئڻ بہ ڪوئي برو نہ آ، پر سُونهن سان ڇو آ بي رُخي
ڪڻ پاند چنڊ جي رُوپ تان، ڪٿ زندگي ڪا نِڪار جي

هي ڏيهہ ڏُونگر ڪان ڏکيو تون اڪيلو ڪيسين ڪندي سفر
ڪا دُعا تہ ڪڻ ڪنهن جي پيار جي، ڪا حسين رات خُمار جي

تنهنجي بي رُخين ئي تہ موهيو منهنجي هٺ تڪبر انڌ کي
تون نهار ڪر ڪا نڌر مٿان وئي توتي جيڪا ٻُلهارجي

هِن ٿان تان ڪيئي خان ڀي، ويا ياٻَ پنهنجي ۾ پيلجي
هڪ ميندرا توتي موڙ آ، ويئي توڪان مُومل هارجي

تنهنجي ساحريءَ جي سحر ۾ ها، ويا غرق ٿي منهنجا پيچرا
مون لِڪائي خود جيڪا پاڻ کان، اُها موڙهي وئي ولارجي

◈

رات ڪُچلي چڙيا وقت جاڙا ڪنول، تي ڪهاڻي ختم
چنڊ جا مون ڏنا نيڻ سانول پِنل، تي ڪهاڻي ختم

ڪيڏي اُوچي هُئي باز پرواز پر، وقت ڦيرو ڏِنو
پير پستين ڇُهيا پر فِضا ۾ تِڙيل، تي ڪهاڻي ختم

چار ڳوڙها ڳڙيا، سرد آهُون اُٿيون پاند ڀ تي پِنا
آلي تُربت اجا ميلو ساڳيو متل، تي ڪهاڻي ختم

هُو ٿڌيءَ ريت تي، ٻي ستو آ پيو، ڏُور لهرُن ڏِنو
ڪنهن نہ ڇُوڙيون پڳيون ۽ نہ وِڪريو ڪجل، تي ڪهاڻي ختم

پير جنهن جا پشم، سمنڊ لهرُن چُميا، مست تي چاندني
اڄُ اُنهي مهجبين ماٽيو ارڏو اجل، تي ڪهاڻي ختم

چار ننڊڙيون پريون، ڪير پوشاڪ ۾، ٽيون عدم جو سفر
راڄ رسمن گڏيو، ماءُ چاتي چِنل، تي ڪهاڻي ختم

رُوح جون راڳڻيون رُوح سمجهن بدن، ۽ بدن جو قِصو
نيڻ مليا ويون اوپرايون انگل، تي ڪهاڻي ختم

ويڙهہ ساحر اجا سِنڌ وِڙهندي گهٽي، ڳاءِ شعلا نظم
هاڻ اُڀريو آهيان آ نہ منهنجي مِنل، تي ڪهاڻي ختم

◈

سهيڙيو تو نہ پن پن جان، گلين جي گردِ تي وِياسين
اُداسيُن جي ڪڙهائيءَ ۾، ڪڙهي بي درد تي وِياسين

لٽل پوشاڪ جان چوڙيي، اوباريل جسم جي ڪيتي
اسين ڪنهن فاحشا تن جي، حصي جو درد تي وِياسين

رهي اڻ ڄاڻ پٽر جي، اُها مورت جيان جنهن جي
تپسيا ۾ خودي تِياڳي، صدين لئہ سرد تي وِياسين

اسان جي سانوري دِل ۾، سيئي ها سانورا لمحا
اوهان جي شهر اُجري ۾، تڏهن ئي رد تي وِياسين

پرين درياهہ ڏرتيءَ جا هميشہ گهاءَ ڏوئندا هِن
اسين رِم جِهم فضا ۾ پر، اُجايل فردُ تي وِياسين

ڪيون تو ساهہ جون مون ڪان پري سُڱداسيون جڏهين
لڪيرُن سان پرين اُلجهي، اکين ۾ ذرد تي وِياسين

شهر جون ڪهڙيون همدريون، خِزان آلُود چهرن سان
اڪيلائپ جا اوڇڻ خُود، خُود همدرد تي وِياسين

سمندر ۾ هوا وانگي، قِتل هو چين ۾ ”ساحر“
ڪنهين بيواهہ جي قسمت جان هُئا جامِد تي وِياسين

◈

نظمُ تون فِطرت جي موسمن جو گهٽائون ڪڏهين گُلابُ جانان
سُپاءَ ۾ تون چڪور چهڪڻ وجُود ۾ پر عُقابُ جانان

هلين تہ سُڳداسي پيچرن تان، صبا بہ شرمائي پاڻ ارپي
ڪِلين تہ خاموش ساعتُن ۾ سُرن جو سِرجي ڪِتابُ جانان

هي ڳاٽ تو آ ڪنيو يا سرتي اُپيو آ پربت غرُور ڪنهن ۾
اڏول سُورهہ جي چال جيئن تون شُجاعتن جو نِصابُ جانان

ڇُهيو نہ جنهن ڪي سنگيت ڪارن، نہ شاعرن جي خيال پرکيو
تون ماٽُريءَ تي شفاف چشمُو ٿڌو گهڙو گُل شبابُ جانان

ڇِڇين تہ رُج ۾ اُداس هرڻي، مِلين تہ بارش ۾ مور بڻجان
وجُود تنهنجي جو واس مون ۾، مان ڪُنوارپڻ تون حِجابُ جانان

رُڪي رُڪي تو ڪنيا قدم پر، ڀِڄايو پازيب دِل جو رِڻ پٽُ
مون بانسريءَ جي سُرن سان تنهنجي رڳُن جو ڇيڙيو ربابُ جانان

ڪٿي آ پنهنجي خيال تي مون، پکيڙي تنهنجي نفاستُن جي
ڪچي اڱڻ ۾ سُتي يا آئون ، ڏسان ٿو سُندر خوابُ جانان

گُناهه جهڙا هُئا سي لمحا ڪتيا مون جيڪي انا ۾ ”ساحر“
جُهڪي آ تو در جبين منهنجي گهڙي گهڙي آ ثوابُ جانان

◈

وِصال جي تمام شب گهتا گجي وئي هُئي
نہ ڄاڻ ڇو پِياس پر اڃي ڪان پيي وڌي هُئي

لهُو لُهان ٿي ويون، نفيس دِل جون خواهِشون
وِچان حياءَ جي پيت پر، نہ پلڪ ڪا ڌئي هُئي

لتا سين هڪڙي وقت ٻئي خواهشن جي ڪيت تي
ضرُورتن نہ ڪنهن سمي اُتامِري ڪچي هُئي

ڦُلن جيان پُڳل هُيس، اُداس غم جي آنچ تي
وجُود جي ٻنيءَ ۾ هوءَ گهڙي جيان پڪي هُئي

ٻُڪيا ٻگهڙ ٿي ڊوڙيا، هميشہ هُن جي تاڪ ۾
پنجوڙ ڪي پناهہ لاءِ، روجهہ خُود ٻکي هُئي

پهاڙ تان لٿي هُئي، نديءَ جي تيز وهڪ جان
مِزاج ۾ نفيس هوءَ اروڙ جي مِٽي هُئي

نيپاج پنهنجي ئي پريو رڳُن ۾ قوم جي زهرُ
سدائين سنگ چُور جي هٿان ئي سِنڌ ڪکي هُئي

خيام جي خيال جي وِشال ساحريءَ منجهان
ڪٽي ڪٽي مون تو مٿان رُباعي هڪ لِکي هُئي.

◈

باجهرين تي ٻُور جان، ايندي ھُئي
مُند ھوءَ ڀرپُور جان ايندي ھُئي

مُعجزن جا ورق ويندا ھا کُلي
کنھن انڌي وٽ نُور جان ايندي ھُئي

کيچلي کنھن ٻار ڏي ڪاوڙ منجھان
مامِتا جي گهور جان ايندي ھُئي

چانڊني لھندي جڏھن ھُئي ڳوٺ تي
سانوري سنگ چُور جان ايندي ھُئي

ڳهر جا ايندي، اڏيندي ڳوٺ ھُئي
جام ۾ انگُور جان ايندي ھُئي

چيٽ جان چُپيندي ھُئي ويندي ھانءَ ۾
کنھن وِجايل مُور جان ايندي ھُئي

وڏ ڦُڙي جي وارتا جان کنھن سمي
شاعريءَ جي پُور جان ايندي ھُئي

باوضُو ٿيندين ھُيون 'ساحر' اکيون
کنھن مُقدس حُور جان ايندي ھُئي

◈

ديوار آ حِجاب جي چُپ چاپ گڏ هلون ٿا
خُواهش جي هڪ سمُونڊ ۾ ليڪن ٻُڏون ترُون ٿا

آيا الڳ ننگر ڪان پنڇي اسين ٻہ آهيون
يادُن جون چار لهرُون تڙ تي چڙي وڃون ٿا

پيرن ڪي موج پُوڄي واپس مُڙي وئي آ
مدهوش ڪنهن ڪڪرجان درياھ تي وسُون ٿا

ساهن سان ٿي رهي آ ساهن جي آشنائي
ترتيب ڌڙڪنُن جي بيتاب تي پُلون ٿا

ڄاڻو سُڄاڻو آهيون درياھ ۽ ديس وانگي
پاڙي ۾ سج چنڊ جان جنمن ڪان گڏ رهُون ٿا

رفتار هُڙڪ ٿئي پئي پاڇن جي واپسيءَ جي
اڻ ڄاڻ ڪنهن ڏُٻڻ ۾ پاري قدم کڻون ٿا

لوڏيون ٿا الوِداع ۾ رسمي هٿن کي ڇِڄندي
زخمي ڇپن تي مُرڪون ڇڻ لوڻ جان ڇٽيون ٿا

ميرو آ دِل جو شيشو منظر ٻہ جهانورا هِن
بيتاب ٿي هٿن جون، ريڪائون ٻئي ڏِسُون ٿا

دِل ۾ ڦُٽي رهي آ درياھ جي اُداسي
پياسا ملياسين 'ساحر' پِياسا الڳ ٿيون ٿا

◈

تو مُڙي هڪڙي نظر ڏِٺو نہ هو
بارشُن کان پوءِ گهر ڏِٺو نہ هو

دِل چيو ۽ پير تي پيا پيچرا
پيار جو پهرين سفر ڏِٺو نہ هو

اڻ گُهريو ئي تنهنجو آءُ تي ويسُ
بيوسين جو دِل ننگر ڏِٺو نہ هو

بادلن جي اوٽ کان ٻاهر ڪڍهن
چندُ مون ساري عُمر ڏِٺو نہ هو

دردُ چاهي ۽ خوشي چاهي ڪڏهن
دِل وڃائي ڪو وڪر ڏِٺو نہ هو

نيڻ جنهن جي خواب ۾ مهڪيل هُيا
ساپيان اُن کي مگر ڏِٺو نہ هو

نانءَ جنهن جي سان ڀُلي ترتيب دِل
اُن پري پيڪر کي پر ڏِٺو نہ هو

پير جي زخمن کان پُڇ ’ساحر‘ ڪڏهن
تو ڏي ايندي مون پٿر ڏِٺو نہ هو

◈

خوشبوءِ جي کماڻي رتُ رتُ آ، هر ڏيک ڏُکايل آ جانان
هِن ديس جي چنچل چانڊوڪي، گهنگهور جي گهايل آ جانان

مان تنهنجي ڪومل ٻانهُن جي ٽڏڪار ۾ کهڙي ننڊ ڪيان
انڌڪار وطن جي وستين تي، ڪنهن خوف جان ڇانيل آ جانان

پوشاڪ ۾ پيوند اڳڙيون هِن اوبر جي چادر آ سِر تي
جنهن رُوپ جو رازُ هو آئينو سو رُوپ وِڪايل آ جانان

بدڪار جي پاڳُر جي ٽي پري لاچار ٻُکاري وڻجاري
مڪار جي مُک تي مُرڪ ڏِسي، آڪاس رنجايل آ جانان

هي ميڙ ٻُکايل ماڻهن جا، گهر گهاٽ وڃايل ماڻهن جا
هڪ اٽيي مانيءَ لاءِ پريان ڪشڪول وڃايل آ جانان

بي خوف گُهمن ٽيون ويرانيون برسات جي پُريل بستين ۾
ڪو ناهه ٿهوڪو مورن جو ڪا ڪونج نه آيل آ جانان

هُو ٽورو پريان ٻُڌ جهوپي مان آوازُ اچي ٿو سُڏڪڻ جو
ٽج ڪا نه مِلي ٽس ڏينهن ڪان، ڪو ٻار ٻُکايل آ جانان

ويڪائو ضميرن ڪي ’ساحرُ‘ مٽيءَ جون مياروُن کهڙيون ڏي
باظرف هزارين ماڻهن جي سُڏ ڇا لاءِ وِڃايل آ جانان.

◈

ڪامڻي ڪچي اڱڻ ۾ وار ڇوڙي آ سُتي
چاندني جنهن جي چڳُن ۾ هوش ٻوڙي آ سُتي

بادلن جي اوٽ مان تو چنڊُ ڀي ٽِڙندو وجي
۾ ڪنڌيءَ تي اپسرا ڪا لِڱ موڙي آ سُتي.

مون ڪويتا ڪنهن شرابي شاعر جي ڇيڙي پئي
ياد ڪا دِل جي نديءَ ۾ مونکي لوڙهي آ سُتي.

ڪُونج ويندي رات سوچيو پُونءِ جي آسودگي
ديوَ ڪنهن جي ور چڙهي ڇا سِنڌ ووڙي آ سُتي.

ڪنهن جي نيڻن ۾ ڪيو هُن، رقص هو جُهومر هٽي
لال جوڙي ۾ سنورجي، ڪنهن جي ڪوڙي آ سُتي

ڏنڊ ۾ ڪنهن جي بدن جو سون آ پگهري ويو
عاشقي ڪنهن جي اکين ۾ ، ڪيما ڪوڙي آ سُتي

نِنڊ گهريءَ مان نہ اُٿندي، ڪو سڏي هُن کي متان
هوءَ حياتيءَ جي جبُر کي، هاڻ ڇوڙي آ سُتي

نازبُن جي لام سان چنچل هوا اُلجهي پئي
ڪير ’ساحر‘ سپ سُگنڌ سان سنگ توڙي آ سُتي

◈

ڪيڏو تہ اُداس لڳو ڪلهہ شام سمندرُ هو
اڄ ڄاڻ ڪوئي صدمو يا منهنجي اندرُ هو

جنهن جي تو تباهين تي، مندرُ ۾ ڏيئا ٻاريا
مُحرم جي ڏهي جهڙو، تنهن گهر جو منظرُ هو

پاتال ۾ وئي اُڇلي، هڪ ننڍڙي خواهش اڄ
محبُوب جي نظرُن ۾ هي شخص سِڪندرُ هو

ڇالا بہ اکين ۾ ها، ڪا پياس ڇپن تي هُئي
بي نام ڪوئي سپنو، ۽ شهرِ ستمگرُ هو

فتويٰ جي فروشن کي، اوگهڙ ئي نظر آئي
پر وقت ڪيو ثابت، سرمد تہ قلندرُ هو

لُڙڪن جو ڪفن پائي، هر آس دفن ٿي وئي
ويران سرائي جان نيڻن جو بندرُ هو

جنهن جاءِ مِليا آهُيون، رابيل لڳن راهون
جنهن جاءِ ڇڄيا هاسين، هر منظرُ بنجرُ هو

گُلفام گلين ۾ اڄ، گُمنام مُحبت آ
پهرين تہ شهر ’ساحر‘، ڪيڏو نہ تونگرُ هو

◈

ڪٽي دِل جا ٽُٽل پُرزا، ڳنڍڻ هر شام ايندا هِن
وسڻ منهنجي اڱڻ بادل، سدا ناڪام ايندا هِن

ڏِڪاٽي دِل ڪي اٽڪُورو مُيسر آ اجهو پهرين
ديوانا پنهنجا ڏُک مون وٽ رکڻ پر سام ايندا هِن

اسان ڪان ڏينهن جي سُبجن، نہ ٿي پوشاڪ ناسمجهو
رفُو اڻ جهاڳ راتين جو ڪرڻ ماتام ايندا هِن

اڪيلائن ۾ سرگوشيون، ڪندا هن ساهہ جا سرگم
تري دِل جي جزيري تي، پرين گُلفام ايندا هِن

اُجارا چپ ڳوليندا، لڪيرُن ۾ آهن بارش
ڪهين جا نيڻ جِهرٽن جا، ڪري احرام ايندا هِن

جڏهن مان جاڳ جي وٽِ سان، جلايان نِنڊ جي شمع
پتنگا آلي ڪاٺيءَ جو ڏِسڻ انجام ايندا هِن

ڪنهين جا چپ ماٺين ٿا ڪُنواري چپ جون چُميون
حِصي ۾ ڪنهن جي اوباريل جِسم ۾ جام ايندا هِن

اوڳاڇي گندُ اندر جو قلم سان ڪوري ڪاغذ تي
مُحبت جي معراجن ڪي، ڪرڻ بدنام ايندا هِن

اُنهن جو ضبط ماپڻ لاءِ فقط هڪ جامُ ڪافي آ
جي اعليٰ ظرفَ جي ”ساحر“، هٽڻ هر هام ايندا هِن

◈

کماٽي نظمُ افسانو، نہ ڪو ناولُ لکي سگھندُس
پرين ممڪن آ توکان پوءِ اکيون اُس ۾ رکي سگھندُس

زهر آلُودُ شامُن کي، طلاقون ڏينديون ڪُونجُون مان
لھُو تهذيب جو جانان، ڪُماڙيءَ تي چکي سگھندُس

ضرُورت توکي ٿاندبن تي، نچائي ياد رکجان مان
ڪپيل سِر جان لُڇي سگھندُس، پڳي هڏ جان ڏُکي سگھندُس

رُدالي زات آ دِل جي جُھڙالو نسلُ نيٽن جو،
تون ايندينءَ مُرڪ جا پيوند، هٽي چپ تي سکي سگھندُس.

جُھريل برسات ۾ آهيان ڪکائين جُھوپِڙي ليڪن
چوين تون آلي ڪاٺيءَ جان، نہ چاهيندي دُکي سگھندُس.

نشيلي ننِدبِ جو سِڪو، ناهي اکڙين جي ڪِستي ۾
خوابن جا جهتي ڪهڙي، طرح آءٌ پکي سگھندُس.

حُرن جي حاصلاتُن جا، پُڇائي پنڌ تون رکجان
اکيون مِليون نہ تو ۾ مان، ڏِسي سڄٽي مکي سگھندُس.

مان چٽيل پن جان آهيان، تنھنجي پايل جي گُھنگھُرن مان
ڪنهين سرگم جيان ’ساحر‘ ڪِٿان توکي بکي سگھندُس.

◈

مُرڪ ڇپن جي سيني پرکي، رُوح جا آگم ڪيرُ ڏِسي
رنگن تي سڀ پيئونرا پتڪن پنڇڻ موسم ڪيرُ ڏِسي

نِرڏن جي نابين اگھڻ تي، ترسُ نہ آيو سُورج ڪي
اٽيا ڏيک اکين جا دِل ۾ اوندھ عالم ڪيرُ ڏِسي

پايل جي ڇم ڇم تي ساري، محفِل جڏهين مست ٻٽي
گھائل پيرن جي زخمن ڪي، پوءِ تي همدم ڪيرُ ڏِسي

وستين جي بربادين سان گڏ، خواب ڪُنوارا لُٽجي ويا
لھرُن رٿ تي چنڊ جو تجلو گُل تي شبنم ڪيرُ ڏِسي

جنگ ڪتي سين جيت جا جهنڊا، گيت فِضا ۾ گُونجن ٿا
چوڙين جي پُرزن جو اُجڙيل، سينڌ جو ماتم ڪيرُ ڏِسي

ٻالجتيءَ ڪان تنهنجي سڱ جي چُنري سِر جو اوڇڻ تي
تون نہ اکين جا اُلڪا ڇاٽين، من ڏي محرم ڪيرُ ڏِسي

اُجرن ڇھرن جي جلون تي، موهيا ڳيرُو ڳوناٽا
آرائڻ جي اُتل جواني، سُونهن جو ريشمُ ڪيرُ ڏِسي

اُلجھي وئين ڏِسُ سُلجھائيندي، جيون جي آڪاٽي تون
مصلُوبين جي موسم ۾ اڪ، تنهنجي پُرنم ڪيرُ ڏِسي

ڏير مِٽيءَ ۾ ڊبجي ويون، دانهون دِلبر ديس سنديون
صحرا ۾ سانوڻ جو ’ساحر‘، ٿيو آ سنگم ڪيرُ ڏِسي

◈

تي ڳوٺ ڳِراٽين جا تون اڏين، پر منهنجي گدائي نا معلُوم
ءِ چاهيان ٿو تنهنجي پهلُوءَ کان، ڇو آءُ جُدائي نا معلُوم

ڪو تنهنجي تڙپ جو انتُ نہ آ، چنڊ رات پُڇيو سرگوشيءَ ۾
مون آلا نيڻ ڪٽي هو چيو، هِن دِل جي ڪٿائي نا معلُوم

تو منهنجي دِل جي رِڻ پٽ تي، بي تاب اڌُوري بادل جان
اڻ پُورو برسي اڻ ڄاڻو، ڇو پياس وڌائي نا معلُوم

تو آس جي لِيڙون چوليءَ کي، پيوند ڇو ٽاڪيا مُرڪن جا
تو دِل جي ڪنڊر گلين ۾، رونق ڇو لڳائي نا معلُوم

ڪنهن پِياڪ جو پهلو پڪڙيل هو، ڪنهن سيلاني ٽي سين هُئين
موکيءَ جي خُماريل نيڻن مان، ڪنهن اُڃ اُجهائي نا معلُوم

انسان تہ ڇا حيوانُ ڇوڙ، پيي لفظن جي توهين هُئي
اُن وحشي جي هڪ ٻالڪ جي، اڳيان سيس نوائي نا معلُوم

زخمي پيرن ساڻ نچي تو گهنگرو لال ليار ڪيا
پٿر جي ديوتا کي توتي ڪهل بہ آئي نا معلوم

اڌ رات ٽي نِنڊ مان جاڳ وئي، ڪا ياد جي ’ساحر‘ ڇٽڪ ڏُکي
چانڊاڻ ۾ اُجري ڇهري سان، ڪنهن جهانجهہ وڄائي نا معلُوم

◈

ڇا نيڻ هُيا، ڇا چندُ هُيو ڇا جامُ هُيو ڇا رات هُئي
ڪي ڀُيرُو ڀُيرُو ڳاٽ هُيا، ڪا نُور ڀري برسات هُئي

مون موتيو توڙي لام منجهان، هو چندُ ڇِتايو پل ڪن ۾
تو مُرڪي گهُوريو جام منجهان، هئه صُورت تنهنجي ڇا تہ هُئي

هڪُ پنڌُ هُيو اوکو بہ گهڻو ۽ ڪوڙ پُنيان رهزن بہ هُيا
مون موتي ڪنهن ڏي ڪين ڏِنو جو تنهنجي چاهت ساٿ هُئي

هئه نيڻ نِندِاڪا نچڻيءَ جا، جنهن گهُوريا پٿر ٻڻجي ويو
ڇا انگ انگ ۾ هو رقص ڀريل، ڇا ڏاتر تنهنجي ذات هُئي

ڇا نيڻن وِچ ۾ ڪيل هُيو، بادل جو ٿر سان ميل هُيو
ڪا هار ڪِڇيءَ جو هارُ هُئي، ڪا جيت بہ جهڙي مات هُئي

ڇا ساز هُيا سنگيت هُيا، ۽ خوشبوءِ خوشبوءِ ميت هُيا
پازيب جو پيرن سان سنگمُ، ڄڻ دِل جي دِل سان بات هُئي

تو ريشم ريشم نظم لکيا، تو شعلا شعلا گيت ڇپيا
تو درياهہ درياهہ دهشت ڪي، ڇا ڇا تہ ڏِني سوغات هُئي

ڪلهہ ڪنڌيءَ تان مون ڳاٽ اُڀي، ڪي جُڳنو جُڳنو نيڻ ڏٺا
ڪا حُور هُئي ڪا ديل پري، ڇا جادُو ڀريل جهات هُئي

تو مون ڪي سهيڙي ساهن ۾، هو هارُ ٻڌايو ڪيچيءَ جو
اي ذات امڙ هِن ’ساحر‘ جي اڳُ جڳ ۾ ڇا اوقات هُئي

◈

چندُ نندڙاڪا خواب نِپائي نيري اُپ تي چڙهندو هو
گهر گهر جي آڳر ۾ هڪڙو سُندر سپنو رچندو هو

شام جون سُرمئي اکيون ٿينديون، سڳيون ڇيلهہ سان گسنديون هون
پاڻياريءَ جي پايل سان گڏ جيءَ جهروڪو کُلندو هو

ڇيڪي مِٽيءَ جي خوشبوءَ ۾ ماءُ جي ممتا ڳوهيل هُئي
ڇانو پکيڙيل ٽالهيءَ جو وڻ، بابا جهڙو لڳندو هو

اوطاقُن جا آڳُر مڪتب، تهذيبُن جا هوندا ها
مچ تي مِڙيل پروانن جو، گيتُ شمعائون اُٽندو هو

هُن جي گلين منجهہ هزارين، معنائن جا مُرڪز ها
شهر مسيحا جو هر منظرُ، ديد جي قابل هوندو هو

پُل جي پريان، واهہ جي ڪپ تي، بڻجارن جي وستي هُئي
بڻجارن جي وستيءَ پرسان، دِل جو ڏڙڪو وڏندو هو

بوڙينڊي تي راڻو ڇيڙي، رکندو سامهون ڪاڪُ محلُ هو
اڏُ خُدا جو راڳي هو جڻ، زخم پُراڻا سُبندو هو

چاندوڪين جي چنچلتا ۾، هاڻ بہ ميندي مهڪي ٿي پر
ڪيفُ الڳ ٿي تو سنگ ساحر، پيچ پِنيءَ جو رچندو هو

◈

ٻُڪيي پيٽ جو ڪو ڏرمُ ڏينُ ڪونهي
هٿن جي لڪيرُن تي يقينُ ڪونهي

ڪٿُورين تي پردا، هوائن تي بندش
ڪو جهرٽو ۽ ڪرٽو بہ بي دينُ ڪونهي

نہ جُهومڪ جيئڻ جا، نہ ماٽا مرڻ جا
رهي ڪا بہ مُورت، غمگينُ ڪونهي

ڪِلي خوش ٿيون ۽ روئي رُوح ٿاريون
ڇا دنيا ۾ اهڙي ڪا، زمين ڪونهي

اُجالن جي چادر نہ ڦهلاءِ سُورج
انڌيري ننگر ۾ ڪو شوقينُ ڪونهي

هزارين اکين جا، قتل خواب ٿي ويا
ڪو پڇتاءُ توکي، تہ نابينُ ڪونهي

جهروڪن تي بارُود شعلا اوڳاڇيا،
چُمي چنڊُ اُپري سان، جبين ڪونهي

هوائن ڪان پُڇيو، پهاڙن ۽ جِهرٽن
ڇو ذرگُل سان اڄ آئي، ذرمين ڪونهي

ٽڏا ساھ ڳٽجن، گُناهن ۾ ’ساحر‘
اِنهيءَ ديس ۾ ڪو بہ مسڪينُ ڪونهي

◈

اُداسين جي جزيرن جو حصو ئي ٿي وڃُون شايد
ڪڏهن هنجن جي جوڙيءَ جان، ڪنڌيءَ ڪنهن تي لهُون شايد

چڪور ۽ چنڊ جان چوڙيون،وصل جون بي رُخيون پل پل
اسين ايندڙ جنم ڪيئي، ندي صحرا هُجون شايد

وڃي ٿي شام ٿُوهر جا، ڪنڊا آهن نڙيون پنهنجون
وڇوڙن جي تتل رُج ۾، لُڪن جان ئي رُلون شايد

رُلون بيتاب چولين جان، ڪنڌي جيڪي نہ ٿيون پائِن
الڳ نيڻن جي سپنن ۾، جنم ٻيهر وٺون شايد

مِٽيءَ مان بُوند پهريءَ سان، اُٿندڙ مهڪ جان آهيون
چُنيءَتان ڪنهن ڪچي رنگ جان،تپش ۾ پوءِ اُڏون شايد

ڏِسين ٿي ڏُور ساحل کي، تون ڇُهندڙ تيز چولين ۾
نديءَ جي ٻن ڪِنارن جان، سفر ۾ ئي رهُون شايد

ڪِٿي ميلاپُ پنهنجو ٿئي، آ مُمڪن باهہ پاڻي جان
نِگاهن سان ٻرُون شايد، اندر پنهنجي ٺرُون شايد

وري چيچُن جي پورن سان، ڇڳُون تنهنجون نہ ڪيڏينديون
اڌُوري گيت جان رهجي، وڃُون مڪمل نہ ٿيون شايد

صُبح ۽ شام جان دنيا، وِٿي ماپي رکي ’ساحر‘
ٻيگي هڏ جان جُهرون شايد، ۽ آويءَ جا ڏُکون شايد.

◈

اڌُوراڻي لُڙڪ وانگي، چُڙيا آهيون
اسين جِسمن کي ماپڻ لئہ، جُڙيا آهيون

يتيمن جان کئي پرورش، آ ڦُٽ پاڻ
گُناهن جي گُلن وانگي، ٽِڙيا آهيون

اڌُوري مُسڪراهٽ جي، پناهُن ۾
ڪنهين پيلي گهڙي وانگي، سڙيا آهيون

نہ ڪنهن پڳوان جي مُورت، ئي بڻياسين
رُڳو قبرُن جي ڪتبن لئہ، گهڙيا آهيون

هُنر پنهنجو نہ نِڪري هو سگهيو تڏهين
ڪنهين بن ذوق چيچُن سان، چِڙيا آهيون

نہ ڪوئي حرفُ آندوسين، پرين تو تي
اندر ناسُور جان چُپ چُپ، ڪڙهيا آهيون

ضرورت مُسڪرائي هو گلي لاتو
ابالن جا ڪڏهن پرما تڙيا آهيون

ڪٿُوري سِنڌ جي سُرهاڻ ساراهي
مِٽيءَ جي عِشق ۾ 'ساحر'، ٽِڙيا آهيون

◈

زهرُ تنهنجو جڏهن دوست لهجو نہ هو
زندگيءَ جو ڪنهن کي بہ رستو نہ هو

هار ڳوڙهن جا چاڙهي سگهين هان ڪٿي
دِل جي تُربت مٿان ڪو بہ ڪتبو نہ هو

مان مڃان ٿو پرين تون پريشان نہ ٿي
جاڙي واٽي ٽُٽو دِل جو شيشو نہ هو

زندگيءَ جو هُيو عرقُ پل چونڪ تي
ڪنهن مداريءَ سندو پيار رونشو نہ هو

ڏڙڪنون ٿيون لِڦون نيڻ ڦتجي پيا
مُند چوري بڻي توکي اُلڪو نہ هو

تنهنجي لهجن جي جهولي گهُلڻ ڪان اڳي
پيرِ سنگهر نہ ها وقتُ پوڙهو نہ هو

ها چريائي هُئي پُل هُئي مون مڃيو
تو شعوري طرح مون کي چاهيو نہ هو

ڪيئن ’ساحر‘ چوان تنهنجي وِڇڙڻ سبب
رُوح رهڙيو نہ هو اک ۾ ڳوڙهو نہ هو

◈

جبين ڪنهن ڪاٺيءَ اڳيان،جُهڪائي ٿا ڏِسون يارو
خُدا ڪان پوءِ ڪوئي دِل ۾، وسائي ٿا ڏِسون يارو

يقين آ ڪونه ايندي پر، اسين ناڪام ڳوڙهن سان
هميشه جان اکيون در ۾ ، لڳائي ٿا ڏِسون يارو

اِهو مُمڪن آ چريائي چڏي مون کي ئي ٻوڙي پر
نديءَ ۾ ناوَ ڪاغذ جي، هلائي ٿا ڏِسون يارو

وڏو سيلاب آ اڄُ ڪلهه، منهنجي دِل جي سمُندر ۾
ڪچا ريت جا پوءِ پيي، بنائي ٿا ڏِسون يارو

پُڪاري نانءُ هوءَ منهنجو ٻنهين چپڙن جي ٻنهين سان
حياءُ اُپريس نيٺن مان، چورائي ٿا ڏِسون يارو

ٻُڌو آ نِنڊ ۾ بلڪُل، اڇُوتو نظمُ لڳندي آ
اکڙ ۾ جهات وينگس جي ئي پائي ٿا ڏِسون يارو

گهڙي ڪن ئي سهي گهاٽو انڌيرو ٿيڙ ڪائيندو
لهُوءَ مان آخري شمع جلائي ٿا ڏِسون يارو

ڪٺن اِيثارُ آ ’ساحر‘، تماشو چونڪ جو بڻجڻ
انا پُتلين جيان پنهنجي نچائي ٿا ڏِسون يارو

◈

فِضا جي سوڳ مان دِل جي ڪهاڻي ڳولي وٺندي آ
نظر خوشبوءِ جي ماتم مان، مِياڻي ڳولي وٺندي آ

مان واڻيا ڪيترو لِڪ ۾ خواهش جي ڪٿولي هوءَ
اکين مان هر اُٿت دِل جي، سِياڻي ڳولي وٺندي آ

جهُڪيل نظرُون ئي رکندي آ حياءَ جي چائنٺ پر ڪڏهين
لتاڙي ڪو مُحافظ جان، وراڻي ڳولي وٺندي آ

بزم جي بيقراريءَ کان، بظاهِر هوندي اڻ ڄاڻو
ڪندي ڪنهن موڙ تي شمع ، پُڄاڻي ڳولي وٺندي آ

هُجي نِجُ شهد جان چاهي، وچان رشتو مگر دنيا
مُقدس ماءُ جي ٿڃ ۾ بہ پاڻي ڳولي وٺندي آ

جُهڳيءَ ۾ ڪاڄُ اوندھ جو متل هر رات هوندو آ
چِلر ۾ چنڊ جو تجلو مُهاڻي ڳولي وٺندي آ

عيان دِل جي تباهي تون، نہ ڇهري تي ڪجان دنيا
متن عُنوان مان خط جو اياڻي ڳولي وٺندي آ

گدائي منهنجي خِيالن جي فقيرن جي بسيرن مان
نظم جي تاج لئہ ’ساحر‘، ڪا راڻي ڳولي وٺندي آ

◈

ٽُٽل دِل جي ڪليسا جو پرين ملبو نہ ٿيندو آ
سواءِ بارش جي نيڻن جو عُمر ورثو نہ ٿيندو آ

پٿر جي مُورت جي، ڪري پُوڄا هُو ديوانو
نظر ايندڙ خُدا ڪي پر، ڪڏهن سجدو نہ ٿيندو آ

سفر ۾ جيسين فِطرت جي مُطابق ٻيئي هلندا هِن
ڪوئي ٻي چنڊ سُورج ۾ تيسين جهڳڙو نہ ٿيندو آ

ٻِنا مُورت جي مندر آ اُهو انسان دُنيا ۾
جنهين جي دِل ۾ چاهت جو ڪڏهن واسو نہ ٿيندو آ

صُبح ۽ شام جان اڻ ڪُٺ بظاهر فاصلو هوندي
نديءَ جي ٻن ڪِنارن جي، وچان پردو نہ ٿيندو آ

لڪيرُن سان ايئن اُلجهڻ منجهان ورثو بہ آهي ڇا
ڳتريل لُڙڪن جو اکڙين سان ڪوئي رِشتو نہ ٿيندو آ

هي تنهنجي سوچ جو سينور، تنهنجي لهجي مان پڌرو آ
هميشہ دِل جي ڏرتيءَ تي، چريا ڪاڇو نہ ٿيندو آ

ضرُورت سڀ ڪي هوندي آ، ٿئي ٿو ضبطُ ڪنهن ڪنهن ۾
ڇيو ڪنهن آ توکي ’ساحر‘، درياهہ پياسو نہ ٿيندو آ

◈

اڻ پُورو هڪ خواب اُميد جو جِهرڻو آ
کهڙو پيي آ چنڊ اڱڻ جو ڳهڻو آ

اُس ۾ جوڙيو مکڻ جو مون تاج محل
هُن جو واعدو ماڪ تي سج جو ڪِرڻو آ

اڱارن تي رقص ڪيان ٿو ڪاغذ جان
هُن کي ماڻڻ واري تي جڻ ترڻو آ

چنڊ جو چهرو تون ٻه ٻڏائج لهرن تي
مون کي پيي بادل سان پل کن ملڻو آ

اُڏندڙ پنڇي ڪنهن جا دوست نہ آهن پر
وهندڙ درياهه تي تہ ڀروسو رکڻو آ

ٿُوهر جي تذڪار ۾ ٿورو ٿڪُ ڀنجي
پِياس جي درياهه پار تو کي پوءِ وڃڻو آ

لاپرواهي هُن جي آهي فِطرت ۾
مون کي پل پل مرڻو پل پل جيڻو آ

نابينن جي وستيءَ تي ڪو ’ساحر‘ دوست
آشائُن جو سُورج نيٺ تہ چڙهڻو آ

◈

يادُن جي پيچرن تي، بيڪل اُداس مونکي
بارش ڪري وئي آ، خُود سان شناس مونکي

بي چين سمُنڊ ۾ مان، اڻ پُوري لهر آهُيان
ڪنهن جا قدم چُمڻ جي، اڻجهل آ آس مونکي

مُرڪن جا پٽ هُن لئہ اُٿندي ڪڏهن نہ آيو
ريشم ڪيئن جان پل ڪن، خُود تي قِياص مونکي

وڪري پئي آ گهر ۾، يادُن جي ريزگاري
سگريٽ جان ڇِڪي ٿي رمجهم اُماس مونکي

تاري ڪِڙِيل جان آئون، پٽڪيل فِضا ۾ آهيان
گهُوري ٿو اوپرن جان، منهنجو آڪاس مونکي

سارنگ جي تشنگي مون، چوڙي آ هيڪلو ئي
خواهش وصل جيءَ اوڍي، تنهائي پياس مونکي

گهُرندي دُعا چپن جون ريڪائون نورُ بڻيون
پهتل وليءَ جو پرتوو، پاسيو رقاص مونکي

ڪنهن جا اڌُورا سپنا پُورا ڪيا تہ ’ساحر‘
اوبر بدن جو مِليو، اوڇڻ لِباس مونکي

◈

ياد جي بارش وُٺي آ رات پر
خواهشن جي دز اُڏي آ رات پر

سار جا ڇيڙا ٽڦيندي دوستو
دِل ۾ هڪ ڪُوري ڌُڪي آ رات پر

چائنٽ تي آشا جا شيشا هِن ڇٻيا
ريت تي ٻيڙي ٻُڪي آ رات پر

بيقرارين جي سفر تي ديد هُئي
رُڃ ۾ هرڻي لُڇي آ رات پر

رات پر دِل جي تجوڙي هُئي کُليل
نِنڊ جي پونجي لُٽي آ رات پر

سرڪشي تنهنجي سُڳنڌ جي ساهڙي
ڏِيان جي اُپ ۾ گهُلي آ رات پر

رقصُ هو ٻريل اڱارن جي مٿان
هيڪلي شمع رُني آ رات پر

پر پٽيل پنڇي جيان ’ساحر‘ اسان
موت جي آهٽ ٻُڌي آ رات پر

◈

عِشق پرپُورُ ٿي ويو آهي
زخم ناسُورُ ٿي ويو آهي

لاش ڍوئي اُداس نسلن جا
سمُنڊ عاشُورُ ٿي ويو آهي

پيارُ بي گهر يتيم ٻالڪ جان
درد سُبندي چورُ ٿي ويو آهي

سرد رُت جي سياهه پلڪُن تي
خوابُ بي نُورُ ٿي ويو آهي

خطُ کوليندي تنهنجي خوشبوءِ سان
شهرُ مخمُورُ ٿي ويو آهي

ڪيرُ کِهلي اجهاڳ تنهائي
وقتُ معزُورُ ٿي ويو آهي

پائي سُرمون اکين ۾ شهرت جو
چنڊُ مغرُورُ ٿي ويو آهي

تنهنجي پهلوءَ جي ڇانو ۾ 'ساحر'
دردُ ڪافُورُ ٿي ويو آهي.

◈

سِر ڏئي پوءِ بادشاهي آ مِلي
مقتلن مان هيءَ گواهي آ مِلي

عِشق جي مقتل ۾ هر منصُور کي
سُرخُرو ٿي شهنشاهي آ مِلي

سچ کي هاري ٻہ ابدي روشني
ڪُوڙ کي جيتي ٻہ سِياهي آ مِلي

سازشي فتويٰ فروشن کي سدا
ذِلتن جي گهري کاهي آ مِلي

درد جي اڻمول هڪڙي ڪائنات
اڄ گُهري تو در اِلاهي آ مِلي

تو تہ ماڻيو چنڊ جي تجديد کي
مونکي ڪاري رات راهي آ مِلي

منهنجي دِل جي جهاڳ کي جنمن کان پوءِ
تنهنجي در محبُوب ساهي آ مِلي

تنگ نظريءَ کان ئي فِطري حُسن جي
رقص کي ’ساحر‘ تباهي آ مِلي

◈

نظر چھرن جي موسم مان، ڇُڳي رنگ رُوپ وٺندي آ
اڪيلائين جي اوگھڙ ڪي ، رنگين پوشاڪ ڏيندي آ

ڪڏھن تو سوچيو پُلجي ، تنھنجي چپڙن جي ڳُنڀڻ تان
ڪنھين جي باحيا حسرت لھر جان لھندي چڙھندي آ

جُھڙالي شام نيٽڻ ۾ ، تنبُو ڪوڙي تمنا جا
پُراڻي يادِ جي گھاگھر ڪوھياريءَ وانگي وڄندي آ

ڪِٿي آن منھنجي خاموشي، سناٽن جي ھِن جھنگل مان
چڙھي خُونخوار تنھائي ، مونکي وحشت ٻچيندي آ

خيالن جي ڪٿي اوڙي ، وڃي ڳُذريو تي سوچيو ٿئي
ڳليءَ ۾ تنھنجي قدمن جي، مِٽي ڪا ديد چُمندي آ

ھوا چئجان پرينءَ کي تون ، تہ ٻاجھر ٻورُ ڇاٽيو آ
ٽڏيري باھ يادُن جي ، ڦُلن جان مونکي پُچندي آ

اِنھن پلڪُن جون پروازُون لھن ٿيون دِل جي آڳُر تي
اِنھن ساھن جي سرگم تي، ڪُٽوري رقصان رھندي آ

وضُو ڪنھن پاڪ چشمي مان، ڪري ھر شام ساحر ڪا
پري منھنجي خيالن جي، نديءَ ۾ لھر اُٿندي آ

◈

اُداس دڳ تي تو ڇڏيو خُمار ۾ بهار کي
بِنا ڪفن اسان دفن، ڪيو يتيم پيار کي

عجيب روڳ دوستو، گهٽا جي گُهور برسيا
لُڙهيا سين لهر لهر تي، پُڳاسين ڪنهن نہ پار کي

مري جُهري هو جوڙيو، ڪڪائون دِل جو آستان
خصيصُ خواب تو ڇيو، صدين جي اِنتظار کي

پُڪاري ڪُونج ڪيترو، لُڇي لُڇي مري وئي
وڏي نہ ڪنهن بہ روڪيو، اُگهاڙي پر ترار کي

وري جلاد وڳريو، اڏيءَ جي ڇنڊ ڦُوڪ تي
دُوار تنهنجو دِلرُبا، ڇڏي چُميو سين دار کي

نفيس ڇيلهہ تي دِلو، ڏِنوسين ٻک ٻانهن ۾
ٻريون اکين جون ماٽڪيون، ڪيوسين ياد يار کي

بهار پئونر ڏاريا، جڏهن بہ ڇنڊُ مُرڪيو
شرير ياد دِلرُبا، تپايو دِل جي تار کي

ڪڏهن تہ رُج ماريا، ڪڏهن شِڪار تاڙيا
هرڻ هنيلا ’ساحرو‘، پُڳا تڏهن نہ تار کي

◈

ڇهري تي وصل جي چانڊوڪي، ڏڙڪن ۾ ڇڄڻ جا ڪُتڪا هِن
ميلاپ وِڇوڙن جي وِچ ۾، ڪُجهہ لمحا ڏاڍا اوکا هِن

پن ڇڻ کان بهارُن ڏانهُن سفرُ ، آسان بظاهر آهہ مگر
ناسُور پيرڻ لئہ ، وقتُ کپي، ناسُور نہ جلدي پربا هِن

مون عرقُ نپُوڙي جيون جو، جڻ پلتي ڪوري ڪاغذ تي
نابين شهر جي گلين ۾، ڏِسُ آئينا هي ورڇيا هِن

احساس کان وانجهيل دِليون ۽ پٿر جي مُورت هر ماڻهو
تو چُونڊ ڪري ڪنهن لاءِ ڪليون، اي دوست پرويا گجرا هِن

انسان جي فِطرت جاڻ ڪڏهن، او وحشي دِل جا ڪول ڪڙا
ڇڏ شهر اُجاڙڻ خُون ڪرڻ، ڏِس ڦُول ٽِڙيا هُو تازا هِن

جلون جي هُجومن ۾ آ رتل، هِن شهر جو هر ڪو چونڪ مگر
ڪي نيڻ سمندر هوندي پڻ، ٿر جيئن ازل کان پياسا هِن

وهلُور وئين تون گيت ٻُڌي، سُرساز کان توکي نفرت آ
مون ڇيڙي دِل جي تار سڄڻ، ڏڙڪن سان ڳاتا نغما هِن

هُبڪار ڪري تو ، خوشبوءِ جي پوشاڪ بہ اُجري پاُتي آ
پر تنهنجي نيڻن ۾ شاعر، سپنن جا هزارين لاشا هِن

گردش کان گهڙي ڪن مِنٿ ڪري ، اوڏر تي وٺي مون فُرصت جا
آغوش ۾ جيجل جي ’ساحر‘ جنت جا گهاريا لمحا هِن

◈

جھروڪا چنڊ جا چنچل، پرين ھر ھر پُڇن تنھنجو
نديءَ جا نيڻ گھُورين ٿا، پٿر ٽُوھر پُڇن تنھنجو

جِتان گُذران سوالي ھِن، گليون ماٺھو ۽ وڻ منظر
جُھريل ڪمري جون ديوارون، دريون ۽ در پُڇن تنھنجو

گُلن جي باغ مان گُذران، مِٽيان يا نھر ڪنڌيءَ تان
سکي پنڇن جو ٻوليون ۽، پِنل منظر پُڇن تنھنجو

نہ ڄاڻان ڪيتريون دِل جون، تمنائون قتل ٿينديون
خُوديءَ جي پُل صراطن تان، وِٿيون دِلبر پُڇن تنھنجو

ڪُنوارا ڪامڻين ٽولا، گھڙا پنگھٽ ۽ پايل جي
رِدم تي پيرڙا ڪڇندڙ اڙي شاعر پُڇن تنھنجو

گِريبان ۾ وِجھان جھاتي، تہ آئينو پريان اُلري
سُتل احساس جھنجھوڙي، رُتون اڪثر پُڇن تنھنجو

سدائين تنھنجي سرواٽي، ڏيئو ٿيندي آ منزل جو
مُنجھيل رستن جون خاموشيون، پتو رھبر پُڇن تنھنجو

بھارُن جي رنگين رُت ۾ وٿين جي شاھراھُن تان
وِصل جا پل سنپاري ٿيون، اڪيون ساغر پُڇن تنھنجو

نہ ايڏي مات پھرين مون، پسي آ تنھنجي نيڻن ۾
ڪنڌيءَ جا ڪوڏ لھرُون ۽، سِپُون ’ساحر‘ پُڇن تنھنجو

◈

رِم جِهم رُت جي شام جُهڙالي، بند مگر تون ڪمري ۾
ويندڙ پل کي ڪڪرن گهُوريو نِنڊ اچي وئي رستي ۾

ٻچپن ۾ هڪ خُواب ڏِٺو هو چندرما کي ماٽيندُسُ
فرقُ نہ منهنجي ٻُولا ۾ آ، ڇيد نہ چنڊ جي رُتبي ۾

مُرڪ ڇپن تي مهمانن جان، جيئن ڪڪر ۾ بُوند ٽڪيل
پاڇُولن جو ماڳُ سفر آ، ويهہ نہ جُهڙ جي پاڇي ۾

صاحب جيئن شراب کي چاڙهي، ٻافي اوڳر اندر جي
الماڙين ۾ ، ورق ڦِڪا ٿيا، پُريا آدرش لحظي ۾

نظرُون جيئن اسٽيج تي پُهتيون، مهتي اکڙيون پڪ ڪيم
سامهون منهنجي منزل هُئي جا، مون کان وڇڙي ميلي ۾

تار تي وِڇيل چوليءَ مان آ، يادُن جي بارات لٿي
نيڻن مان هڪ چنچل تِتليءَ ، پاڻ سٽيو آ سجدي ۾

ساگر صحرا جنگل ووڙي، ڪنڊر واهڻ شهر لتاڙي
رات چڪور کي چنڊُ ٻہ مليو، ڪچي هڪڙي جهوپي ۾

ريت کي هُن سمندر ڄاڻي، ڪشتي موڙي جيون جي
رنگن جي دلدل ۾ ڊبيو جوت وڃايئين ڊوکي ۾

چنڊُ هٽائي جُهڙ ڇهري تان، نيري ڏنڌ ۾ مُرڪيو جئين
تيئن اُجالن پرين ’ساحر‘، موتي ڇٽيا ويڙهي ۾

◈